# كر كو واكو وس

فهيم عباسي

ڪر ڪو واڪو وس ويهه مَ منڌ پنيورمِ
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين ، پير پرين جو پس
ڏورڻ منجهان ڏس پونديءَ هوت پنهونءُ جو
(شاهه)

# ٻن ابتڙن جو ميلاپ حسن درس

مشرق جا ماڻهو عمر خيام کي هڪ وڏي شاعر جي حيثيت ۾ سڃاڻن ـ سندس رباعين جي سر مستيءَ ۽ سرور هر دور ۾ ماڻهن کي پئي موهيو آهي ـ جڏهن فتز جيرالڊ خيام جي رباعين جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو ته خيام جي شاعريءَ سموري مغرب جا وڻ وڄائي ڇڏيا ـ ليڪن عمر خيام الجبرا جي موجد ۽ استاد جي حيثيت ۾ مغرب واسين وچم اڳم ئي موجود هو ـ سندس شاعري واريءَ هن نئين تعارف مغربي ماڻهن کي حيرت ۾ وڪوڙي ڇڏيو ـ انگن ۽ اکرن جي ٻن ڪنارن جي وچم وهندڙ عمر خيام جهڙو درياءُ ، ٻن ابتڙن جو ميلاپ ، هڪ ئي مٽ ۾ ٻه گدرا ڪٺي هلڻ وارو ماڻهو يقينن جينيس هوندو آهي ـ ٻن ابتڙن جو ميلاپ ئي هن سڄي ڪائنات ۽ وايو منڊل کي سمايو ۽ سنڀاليو بيٺو آهي ـ اهڙو ئي قصو منهجي هن دلبر دوست فهيم عباسيءَ جو آهي ـ تعليم جي شعبي سان سلهاڙيل ، ماڊرن مزاج رکندڙ ، هر وقت حرڪت پذير انٽرنيشنل ادارن سان ڪم ڪندڙ هي همراهه پنهجي ڪنهن ٻه لقاءَ ۽ لڇڻ ۾ روايتي شاعر جو ڏيک نه ڏيندو آهي ـ پنهجو اعلي پروفيشنل تعليمي رڪارڊ رکندڙ هي دوست رات ڏينهن مصروف عمل رهندو آهي ـ فضائي اڏامون، روڊ جا سفر ، اداري جو گڏجاڻيون ، سيمينار ، آفيس ، گهر ٻار، هڪ شهر کان ٻئي شهر ۽ هڪ صوبي کا ٻئي صوبي ۾ بلڪ ائين چوان ته ڊوڙندڙ ڊڪندڙ ـ سوچيان ٿو ڪڏهن ، ڪٿي ۽ ڪيئن هيءُ شاعري سرجندو آهي ـ سوچ ۽ ذهن جي هيتري مصروفيت ۾ آخر شاعريءَ جي واندڪائي هن کي ڪيڏي مهل ملي ٿي ـ بظاهر هشاش بشاش ، سوٽ بوٽ ۾ ملبوس ، پنهجي ڪرت ۽ ڪارج ۾ قابو الائي ڪيڏي مهل اهي پسڻ پسندو هوندو، پنهجي اندر ۾ جهرندو ۽ جهڄندو هوندو ۽ پنهنجي روح ۾ پيل ريشم جي اٽت ڪندو هوندو ـ

سنڌ جا ڪهنه مشق شاعر، علم عروض جا ماهر ۽ فوٽ پٽيءَ ذريعي سٽن جي ماپ طور ڪندڙ حضرتن وٽ ته الائي ڪهڙي شي اگهامي ٿي پر مون کي ته فهيم جي سرجيل سٽن پڙهڻ سان ڏاڍي حِيرت ٿي ـ

آنڌ مانڌ ، اڻ تڻ ، جستجو، هڻ هڻ ،هلڻ ،هڪلڻ ، بنا ساهي مسلسل پنڌ ڪرڻ ، ڪڏهن هوريان ته ڪڏهن تکو تيز، واٽون ووڙ بندي ، منزل ۽ ماڳ تي پهچڻ ، وڏي عرصي کان پوءِ هن دور ۾ فهيم واري ٿهي ۾ هن شاعريءَ جي ماهيت ، اسلوب ۽ انداز ڪئين پراڻن زمانن جو يادگيريون تازيون ڪري ڇڏيون ـ مون کي پنهنجي شاعراڻي ورثي جا مهندار شاهه لطيف ، سچل ، روحل ، حمل ، بيدل بيڪس ۽ مصري شاهه ياد اچڻ لڳا ـ

اهي ور وراڪا ، اهي سٽن جا سٽاءَ ، اهو پنهجو نج ٻج انداز ، پنهنجي اصل نسل ٻولي ، لاڪيڻو لهجو ۽ اندر جي اپٽار ـ

پهنجي ان پراڻِي ڪلاسيڪل ڊڪشن ۾ پراڻن لفظن ۽ ترڪيبن سان سلهاڙجي نئين دور کي مخاطب ٿيڻ جي فهيم واري هيءَ جستجو مون کي ذاتي طرح ڏاڍي سٺي لڳي ـ

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

هڪ سچڻ ۽ ٻي سڪ ۽ ٽيون صا حب جو سرور
ويهندي ويهڻ نہ ڏيئي، ننڊ نيڻن دور
روز ازل کان روڳ ۾ ، دل جو هي دستور
ڏکن ڪيو ڏور ، محبوب ٻانئي من ۾

فهيم جو مٿيون انداز ۽ اسٽائل سندس شاعريءَ کي سنڌي شاعريءَ جي ان سونهري دور سان ڳنڍي بيهاري ٿو جنهن دور ۾ سنڌ جا جاگرافيائي توڙي ثقافتي خدو خال جڙيا - هن سڄي ڪتاب ۾ اهم ڳالهہ تہ شاعر جو سياسي ، سماجي ۽ تاريخي شعور تمام چٽو آهي - فهيم انهن سيني ڪردارن توڙي گروهن کي وڏي واڪ للڪاريو آهي - سنڌ جي ويجهڙ ماضيءَ ۾ مزاحمتي شاعري وڏو عروج ماڻيو - پنهجي دنگن ، ننگن ، ورثي ۽ مالڪيءَ تي لڳل راتاهن کي سنڌي شاعريءَ ۾ گهڻو للڪاريو ويو اهي پر ان سموري شاعري جي وڏي وٿ سياسي ۽ سماجي شعور آهي - فهيم دل ۽ دماغ کي گڏ ڪٽي هلڻ وارو شاعر آهي - هن جتي اڏمي کي شاعريءَ ۾ جاءِ ڏني آهي اتي عقل جي نڪتي کي نروار ڪندو ويو آهي -

عدل انڌو اک ، ساڙي ڳاري سچ

انصاف لاءِ جوڙيل ڪٽهڙا ، عدل ڪندڙ اکيون جيڪڏهن انڌيون ٿي وڃن تہ اتي سچ سڙي ٻري ختم ٿي ويندو - اسان جي ملڪ ۾ عدالتن ۽ انصاف جي ڪٽهڙن ۾ جيڪي ڪلور ٿيا آهن ، فهيم ان سموري نظام کي پهنجي دائري ۾ آڻي ٿو -
سنڌ جي جاگيرداري ، وڏيرا سياستدان ،اقتدار جا ايوان ، طاقتور ڌرين جو هيٺن تي هلائون ، پنهجن جو غداريون ، ويڪائو ذهن، انهن سيني لقائن ۽ ڪردارن کي پنهجي قلم جي نوڪ تي ٽنگي رکيو آهي -

اسان رهيو آسرو ، تارينڌو ڪو تار
ڪڏي ويڏن وچ مان ، پڪ لڳائيندو پار
ڌارين ڌڪي در تان ، ڏائڻ وجهندو ڌار
مور نہ مڃندو هار، ڏيئي منهن موت ۾

اها اميد ، اهو آسرو تہ ڪا رهبري ڪا رهنمائي هن سڄي ٻونچال مان ڪڏي ٻاهر ڪندي، سڄي سماج سان جيڪي هيڏي ويڏن ۽ ويل ٿيل آهي ان جي ڪا مشڪل ڪشائي ٿيندي ۽ اٻوجهہ ماڻهو پڪ سان پار پوندا - پر هتي ئي آس پاس ۾ رهبريءَ جي نالي ۾ رهزنيون ٿيون، قافلن جي سرواڻن ئي وچ رستي تي معصوم مسافر لٽيا ۽ ڪئين ويساهہ ويساهہ گهاتين جي ور چڙهي ويا - فهيم جي شاعريءَ ۾ اهڙا تمام گهڻا اظهار ملندا جنهن ۾ هن جي اندر ۾ تلخي اڀرڪا ڏيئي ٻاهر نڪرندي نظر ايندي پر سندس اها خوبي آهي تہ هو

## ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي

شاعريءَ ۾ فهم ۽ فن ڪان ڪٿي ٻه پاسو ڪندو نظر نٿو اچي ـ سندس سٽون ۽ اسلوب ان سچي ماجرا ڪي ڏاڍي آرٽسٽڪ انداز ۾ اپٽاريندي نظر اچي ٿو ـ
زماني جي انهن تلخ حقيقتن جي اظهار سان گڏ فهيم جي دل جو اهو حساڪ ماڻهو, اهو عاشق مزاج انسان پڻ پنهجي پتي ۽ حصو هن شاعري ۾ ڳنڍيو بيٺو آهي ـ

اڪن گل ڦلار ، پرين نه آيو پار
پاپيهو پاڪي جيئن ، ساهن تهنجي سار
وسوسن ويچار، وهمن دل وڪوڙيو

اها ڳالهه به شايد فهيم پنهجي ورثي مان سکي آهي ته درد جي اظهار ۾ حساڪيءَ جو دامن هٿ مان نه ڇڏجي ـ اهو انتظار ۽ اوسيئڙو جتي درد خوشبوءَ جيان لهرائيندو محسوس ٿئي ۽ محبوب جو واٽون ڦلن سان چانيل ۽ جهنجهيل هجن ـ
هڪ ڳالهه جيڪا انوکي آهي ته فهيم استروڪ يا پنچ هٽندڙ شاعر آهي. شايد اهي ئي اکر اوهان کي غير ادبي يا ناقابل قبول لڳن پر مون وٽ ڪي ٻيا موزون لفظ ناهن اوهين پلي انهن لفظن کي راند جو ڊڪشن چئو پر آئون انهن لفظن کي شاعريءَ جي وضاحت لاءِ ڪم آڻيا ٿو ـ

"ڏيڻ دلدل جيئن, ياريون يادن يار" ، يا وري " ڦٽڪندي قاسي پوان" ، ڪٿي وري " مانڌاڻ منهجي من ۾" يا وري " من ڪائي ماجرا محبت مچايو شور" اهي ڪئين استروڪ آهن جيڪي فهيم جي شاعريءَ ۾ اوهان کي تمام گهڻا نظر ايندا, اهڙي سٽ يا ترڪيب يا بيت جو ڪو هڪڙو اهڙو پد جيڪو اوهان کي ڇرڪائي وجهي, سوچڻ تي مجبور ڪري يا جنهن جي پڙهڻ سان ذهن جي اسڪرين تي پاڻ مرادو هڪ فلم هلڻ شروع ٿي وڃي ـ اهڙا جملا جيڪي توهان جي اندر جي تارن کي ڇيڙي وجهن ۽ اوهان جو وجود وڃڻ لڳي ـ
سچ پڇو ته فهيم منهجو دوست آهي ان ڪري آئون سندس واکاڻ ڪو نه ٿو ڪريان پر هن سنگتيءَ ۾ جيڪو جوهر موجود آهي ان جي ساراهه نه ڪرڻ بخيلي ٿيندي ـ
جهڙي ريت فهيم پنهجي هن ڪتاب ۾ پڙهندڙن کي ڇرڪائيندو شايد سندس ايندڙ ڪتاب اوهان کي وڌيڪ حيرت ۾ وجهندو ته ڇو ته هن همراهه کي پتڙيون تبديل ڪري لکڻ جو شوق ۽ جنون آهي ـ توڙي جو اهو شوق مهانگو ۽ ڏاڍو جوکي وارو آهي پر جيڪڏهن ڪو لکاري اهڙن ابتڙن تي حاوي ٿي وڃي ۽ جذبا سندس جکڙ ۾ اچي وڃن ته پوءِ يقينن ڪئين شهپارا هن جي قلم مان ڦٽي نڪرندا ـ
ادا فهيم توهان کي لک واڌايون.. اميد ته ايندڙ ڏينهن ۾ به اوهان جو اهو اتساهه ۽ امنگ برقرار رهندي ۽ اوهين سهڻيون سٽون سرجيندا رهندا

حسن درس
4 آڪتوبر 200

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

# آبشارن جهڙي رواني واري شاعري

اسلام آباد جي مارگلا پهاڙين جي وچم نهيل هڪ ڳوٺاٽي ۽ انتهائي خوبصورت هوٽل تي ويٺي مان جڏهن پهريون دفعو فهيم عباسيءَ جهڙي سهڻي ، سيبتي ۽ ڪلمڪ نوجوان جي شاعري ٻڌي رهيو هوس ۽ اتي مون سان گڏ منهنجو دوست ڄام جمالي به گڏ هو ته مونکي ائين محسوس ٿي رهيو هو ڄڻ مٿي آسمان تي ڪڪر ڪارونيار ٿي آيا آهن ۽ مينهن اوڙڪون ڪري وسي رهيو آهي - جنهن سان مارگلا پهاڙين ۾ الائي ڪيترا آبشار وهي چڙيا آهن - ايڏي رواني، جو اچرج ۾ عقل دنگ رهجي ٿي ويو.

۽ پوءِ جڏهن گهٽي دير تائين هن پنهجي شاعري ٻڌائي بس ڪئي ته مون کي لڳو ته انهن چند گهڙين ۾ الائي ته ڪيترن اڻ ڏٺل شهرن ، واهڻن ،جهرن جهنگن ۽ ويرانن جو سير ڪري موٽيو هجان - ۽ جتان جتان به گذر پئي ٿيو ، اتان جو ماحول ، ٻولي ۽ خيال آرائي نوان نوان نقش چڏيندي پئي وئي منهنجي ذهن اندر.

واپسيءَ ۾ ويٺي فهيم عباسيءَ هاٽي " نظم " ۽ " آزاد نظم " جي شاعريءَ جي بجاءِ چيو ته " سائين ، ڪجهه چوءِ سٽا به ٻڌايانو ؟ "

" ها ها بلڪل ٻڌايو." مون چيو.

هڪ چوءِ سٽو پڙهي پورو ڪيائين ته مون کيس چيو ،" اهو ته بيت آ. تمام خوبصورت ."

" بيت آ ؟، اڇا ؟ مون ته چوءِ سٽو پئي سمجهيو ." فهيم وراڻيو .

چئن سٽن جي انهن بيتن ۾ به مون فهيم عباسيءَ جي اها بيت واري شاعري نه رڳو جيءَ کي جهنجهوڙيندي ۽ بي اختيار زبان مان " واهه واهه " ڪرائيندي رهي ، پر اهو به چورائيندي رهي ته جيڪر هو پنهنجي شاعريءَ جو ايندڙ ڪتاب سڄي جو سڄو بيت جي صنف وارو ئي آڻي ، جنهن سان شاعري جي جهان ۾ هن جو بلڪل ئي نئون ۽ وڏيڪ مانائتو تعارف ٿيندو .

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي فهيم عباسيءَ پنهنجو سمورو ڌيان بيت جي سرجڻ تي ڏنو - تقريبن روزانو ڏهه ڏهه ، ويهه ويهه بيت لکي موبائيل فون ذريعي هو مونکي ٻڌائيندو رهيو ۽ بلڪل پنهنجي هن بيت وانگر هن تکو تکو ڊوڙندي سڄو سارو ڪتاب لکي پورو ڪرڻ ڪان اڳم ڪٿي به ساهي نه پٽي .

جڏو سڏو جيءُ ، ته به ريڙهيون پائي رڙهه
گهلي پاڻ پڙ ۾ ، تيز تکو ٿي وڙهه
پڙڪو ڏيئي باهه جان ، گهايل ٿي پي گهڙهه
ڪتين ٿيڙن ٽڙ ، چمڪي چمڪي چوٽ تي

22 مارچ 1968 ع ۾ دادو ضلعي جي ويهن پنجويهن گهرن تي مشتمل ڳوٺ " ڪوهه وارا ڪلهوڙا " ۾ جنم وٺندڙ فهيم عباسيءَ جي ڪنن تي شاعريءَ جو پهريون آوازهارين نارين ۽ اڻ پڙهيلن جي زبان مان لطيف جي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

بيتن جي صورت ۾ پهتو هو ـ جنهن کان پوءِ ککڙ هاءِ اسڪول ۾ ڇهين کان ڏهين درجي تائين جنهن شخص کيس پڙهائي ، پڙهلين جي قطار ۾ شامل ڪيو ، اهو سنڌ جو مانائتو ۽ سنڌي غزل جي شهنشاهه شاعر وفا ناٿن شاهيءَ جو استاد محسن ککڙائي هو ۽ دادو ڊگري ڪاليج ۾ بي ايس سي ۾ استاد بخاري به فهيم عباسيءَ جو استاد رهيو.

ائين دادو ضلعي جي استاد بخاري ۽ ٻين وڏن ناليوارن شاعرن جي سٿ جي ساٿاري هجڻ جي باوجود فهيم عباسيءَ ڪنهن کان به شاعريءَ جي علم جي سکيا نه ورتي ۽ جيئن فطرت ۽ قدرت ڪنهن ٻوٽي کي وڏائي وڻ جو روپ بخشيندي آهي، هو به ان وانگر ئي پاڻ مرادو اپري بيٺو ۽ پنهنجي ساوڪ ۽ سرهاڻ کي لفظن جي صورت ۾ چوءِ ڏسائن ۾ پکيڙي ڇڏيائين ـ

سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتاب " مون سين هلي سا " 2008 ع ۾ ڇپيو جنهن ۾ وائي ،ڪافي ، نظم ۽ غزل ڪانسواءِ سوءِ سوا چوسٽا ( جيڪي اصل ۾ بيت آهن) شايع ٿيا ـ جن سنڌ ۾ کيس شاعر واري حيثيت ۾ پر پور مڃتا ڏياري ـ

فهيم عباسي بنيادي طور تي مزاحمتي شاعر آهي ـ هو جتي به ۽ جنهن به جاءِ تي ڪنهن سان به ظلم ۽ زيادتي ٿيندي ڏسي ٿو ته سندس اندر واري شاعر جو تيستائين سڪون سان ساهه کڻڻ مشڪي ٿي وڃي ٿو ، جيستائين شاعريءَ جي ڪنهن نه ڪنهن صنف ۾ هو پنهنجو رد ٿمل ظاهر نٿو ڪري ـ

ڏاڍ گهمن ڏيهه ۾ ، عدل وڪامي عام
پا ٿاريدار پٽو ٿيو ، جتيون کڻن جام
پوليس پنهنجي پر ۾، رڳو هنبو شيون هام
ساوا صبح و شام ، لٽن مال مسڪين جو

ظلم ۽ جبر انسان ڪانسواءِ پکي پکڻ ۽ ڌرتيءَ جي سيني تي چرندڙ پرندڙ حيواني مخلوق تي ٿئي ٿو ته اهو به هن کي چيڙائي ٿو وجهي ۽ ائين پاٽيءَ اندر پلجندڙ پلي جي پيڙا به هن کي پيڙي ٿي ڇڏي ۽ اهڙي لمحي ۾ هو ان کي به پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻائي چئي ٿو ڏئي ته؛

سنڌوءَ پيٽ سڪل ، پلي پڪاريو
ڪونهي ڪڙڪو ڪن جو ، نڪري نهاريو
نسل مون تو ناس ٿئي ، ويهي ويچاريو
جاڳي جياريو ، ته جوان ٿيا جوءِ ۾

لفظن جي بي تحاشا ذخيري جي مالڪ هن شاعراڻي وکر ۾ عشق جي اسرارن ۽ محبوب جي ماڻن جو ذڪر به ملي ٿو ته عشق کي اکين جي راند سمجهڻ وارن اينٽرن کي جيءَ ۽ بدن جي جلڻ جو ڏس پتو به نظر اچي ٿو ۽ اها سمجهاڻي به ته ؛

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

عشق نہ اکين راند، جلي جيءُ بدن
راتو ڏينهان روح ۾، ڦٽڪي رت رڳن
ڪاڙهو ساڙو سوچ ۾، دل ۾ دود دکن
محبت ماٽي تن، جن جوکي وڌو جيءُ کي

عشق جي انهن اٽانگن پنڌن ۽ پيچرن ۾ مهڻن جي ماريل هڪ بيوس ناريءَ کي جڏهن محبوب جون ساروڻ ستائن ٿيون تہ هوءَ پنهنجي لبڙن ۾ لڪارون لڪائي لڇ مرڻ جي منزل تي پهچي ٿي وڃي ۽ شاعر ان جو اظهار هيئن ٿو ڪري،

مهڻن ماري آهيان، ستائن ساروڻ
اندر ۾ اٿلي پوان، پيار پڪارون
لکي لوڪ لڪايان، گذريون چماروں
لبڙن للڪارون، لڪائي لڇ مران

ايترو ئي نہ، هن جو شاعراڻو من پيار لاءِ پڪاريندڙ ڪنهن يتيم ۽ گلڙن جهڙي ٻار جي صدا ٿو ٻڌي تہ ان جي درد کي بہ شدت سان محسوس ڪري هي بيت لکڻ تي مجبور ٿو ٿئي تہ:

پڪاري ٿو پيار لاءِ، گلڙن جهڙو ٻار
اداسي اکين ۾، يتيميءَ جو بار
منجهيل ائين من ۾، چڻ ڪنهن قاتل چار
موجون مستيون گار، راند نہ ڪو رانديڪڙو

فهيم عباسيءَ جي شاعريءَ جا اهڙا ڪيئي رنگ آهن - جن جا روپ ڏاڍا نرالا آهن - هو اکرن سان ڏاڍ جي گهگهہ ۽ گهري اوندهہ ۾ اجالا ڪرڻ جي همت بہ ڪري ٿو تہ ڏيهہ جي ڏکارين سان مهاڏو اٽڪائي پنهنجي باضمير هجڻ جو ثبوت بہ ڏئي ٿو - هن جي اها ادا بيحد ئي موهي ٿي ۽ گڏو گڏ بامقصد شاعراڻي سفر لاءِ هميشهہ دعاگو بہ رهي ٿي -

محمد علي پٺاڻ
لاڙڪاڻو -
14 - 08 - 09

## ڪر ڪو واکو وس........................................................فهيم عباسي

# فهيم هڪ حساس ذهن ۽ قلب جو مالڪ آهي

غلام حسين رنگريز

فهيم عباسي ،سنڌي شاعريءَ ۾ پنهجي پهرين شعري مجموعي سان اچانڪ داخل ٿي پڙهندڙن کي حيران ڪري ڇڏيو ته شاعراڻي ذات رکندڙ هن شعر پاڻ کي ادبي رسالن ، ۾ ڇپجڻ کان ايترو عرصو دور ڇو رکيو؟ شايد پذيرائي ۽ ڏيک ويک پري رهڻ واري مزاج کيس پاڻ تائين محدود رکڻ تي مجبور ڪيو هوندو يا هو اڃان ۾ پنهجي اندر ۾ سمايل " شاعر" کي تلاش ڪري رهيو هوندو۔ فهيم بلا شبہ هڪ ممتاز شاعر جي حيثيت سان سنڌي ادب ۾ متعارف ۽ مڃتا ماڻيندڙ شاعر نہ ئي صحيح پر گهٽ ئي ڇپجندڙ شاعرن کان سٺي شاعري ڪندو رهيو آهي ۔ سندس هيءَ ڪتاب سنڌي شاعريءَ جي ڪلاسڪ صنف "بيت " تي مشتمل آهي ۔ بيت کي سنڌي شاعريءَ ۾ اظهار جي سگهاري صنف طور سڃاتو وڃي ٿو ۔ اهو ئي سبب آهي جو قاضي قادن ،شاهہ عبدلڪريم بلڙيءَ وارو ،لطيف سائين ، ساهہ عنايت رضوي ، سچل سرمست ، شاهہ شرَيف ياڏائي خليفو نبي بخش ، زمان شاهہ لنواري وارو ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن پنهجي اندر جي اور بيت ذريعي ئي ڪئي اهي ۔ جديد دور ۾مخدوم محمد زمان طالب المولي، شيخ اياز ۽ ٻين انيڪ شاعرن هن صنف ۾ نت نرالي اسلوب سان بيان ڪري هن ڪلاسيڪل صنف کي ٻيهر اجاگر ڪري سنڌي بيت کي نئين حياتي عطا ڪري ڇڏي آهي ۔ اسان جي نامياري شاعر اسي زميني پنهنجي مقالي " ڪوتا جي آڳر " ، جيڪو ڪينجهر پبليڪيشن جي فيبروري 1993 واري پرچي ۾ بہ ڇپيو جنهن ۾ هن بيت ، سورٺو ،دوهو ، وائي ۽ ڪافي تي ٽيڪنڪي حوالي سان پر مغز گفتگو ڪئي آهي. انهيءَ ڪري انهن صنفن تي طبع آزمائي ڪندڙ شاعرن لاءِ انهي مقالمي جو اڀياس لاڀائتو آهي.
محترم فهيم عباسي جو هيءُ ڪتاب بيتن تي مشتمال آهي. بيتن ۾ پہ سٽن بيتن کان وٺي چار سٽن ۽ ڇئن سٽن کان وڏيڪ سٽن وارا بيت بہ موجود آهن جيڪي ڪن بيتن کان سواءِ فني لحاظ کان Mature بيت اهن.

هنن بيتن جي ٻولي عام فهم ۽ وڻندڙ آهي. موضوعن جي رنگيني يا ڪثرت شاعر جي وجدان، ادارڪ ۽ سماجي وابستگي جي اپٽار ڪندي نظر اچي ٿي. سماجي اڻ برابري ،انساني حقن جي لتاڙ ، انسانيت جي تذليل ،غربت ۽ افلاس جي راڪاس هٿان پيڙهجندڙ معصوم عوام ،اخلاقي قدرن جي ابتري ۽ سياسي افلاس تي شاعر جو من ڪڙهي ٿو ۽ هن جي ذات اڇلون کائي جرئتمنداڻي اظهار جو روپ وٺي ٿي.
هن ڪتاب ۾ ڪي بيت مخصوص عنوانن هيٺ بہ لکيل آهن. مثلاً*

## ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي

" ڏاڻ منهنجي ڏيهه ۾" ، بي نظير ڀٽو جي پهرين ورسي تي " ، " فلسطين تي" ، " فلسطين ۾ قتل ٿيل معصوم ٻارن جو تصويرون ڏسي" ، " قمبر جي هڪ اسڪول ۾ 2007 جي ٻوڏ کان پوءِ 4 ڪلاس جي شاگرد جو ڳالهيون ٻڌي " ،" سوات بنير ۽ اپردير آپريشن تي".

فهيم هڪ حساس ذهن ۽ قلب جو مالڪ آهي. سندس فني اوک ڊوک کان پاسو ڪندي سندس بيساختگي ۽ بي باڪي کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. شال سندس اندر جو شاعر اڃان به وڌيڪ فني پختگي سان اظهار جو روپ ڌاريندو رهي.

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

# بيت

جوڏاڍو سو ڳابو، مڃان ڪڏهن نہ مور
ڪٽي ڪني، ڪٽ ڏيئي، ماري ڪيو مجبور
ڏوٽي هن ڏڏڪا ڏيئي، ڪيو چڪنا چور
سنڌ سنڌ لهندو سور، مٿائي منافق کي

واڪا ڪر ڪي وس، جيئن ٻاگهيون ٻڌن شور
دودا اٿي دهشت ۾، ظرين ظالم زور
جاڳي پون جوءِ ۾، ڪي ستل ڏيڍا ڍور
چون چون ڪري چور، ڀاڄڙيا ڀڄي وڃن

واڪا ڪر ڪي وس، ٻڌن جيئن ٻوڙا
جاڳي پون جوءِ ۾، پٽڻ، لنگهہ لوڙها
پاپي وڪوڙي پنڌ ۾، سنڌ سنڌ ڪن سوڙها
ڀڄن ڏاند ڳهوڙا، جيءُ جيءُ مرڪي جڳ ۾

واڪا ڪر ڪي وس،جيئن گهر گهر اٿن گهوٽ
گهوٽي گهوٽالي جيان، چورن ڏين چوٽ
ڀڄڙا ڀڄن ڀوءَ ۾، مند ڪائن موٽ
اٿي سڀ اڏڙوٽ، هالت هن هرڪي پون

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

واڪا ڪر ڪي وس، جو گوجن رڙيون رڻ
ٽارين ٽاڪوڙو پوي ، واڪا ڪن ڪي وڻ
ٽهڪو ٽاپوڙو مال ۾ ، ڏوٽن مٿا ڏڻ
نڪري ڪي هڻ ڪڻ ، پاپيءَ پڇاڙي وجهن

همٿ ڪڏهن نہ هار ، ڏور سدائين ڏک
پڇ سدائين بک ، جهڪو ڪڏهن نہ جيءَ ۾
همٿ ڪڏهن نہ هار، ڪاهي پئو تون ڪن
اڻ سدائين ان ، جهڪو ڪڏهن نہ جستجو

همٿ ڪڏهن نہ هار ، سياڻو ٿي ڪجهہ سوچ
محبت رکي من ۾ ، لڇي ڪڇي لوچ
ڪڙڪي ڪارونڀار جيان ، مندن ماري موچ
نڪ نڪ سدا نوچ ، ماڻي منزل مهان ٿي

جهڪ نہ ڪڏهن جيءَ ، ڪرواسينگ جيان وار
ٽوڪارا ڏيئي ٽڙ تون ، دهشت ديديو ڏار
شو شو وڏا شوڪارا ، ميلن ڪر تون مار
هيسجن لک هزار، ۽ مران سپ مري وڃن

حصو تهنجو حق ، ڇڪي ڇني ڇن
پڪاري نہ پن ، پنهجو حق پراون ڪان

حصو تهنجو حق ، رانپوٽن سان روڙ
پيڪيون ڏيئي پيڙ ۾ ، عقل ڳنڍيون ڇوڙ
تاڙي تاڙي تڪيندي ، ڦورو ڪوڙي ڪوڙ
منزل پنهجي موڙ، تہ سڪيارو ٿئي ساھ ۾

حصو تهنجو حق ، جهڪ نہ ڪڏهن جيءَ
جهڪندين تہ جهرندين ، ڪير نہ ٻڌندئي ڪيھ
لتاڙبي لتن سان ، پسجي ويندين پيھ
ريهن مٿان ريھ ، ڪو ٻہ نہ ٻڌندئي ڪنڌ ۾

حصو تهنجو حق ، مڃ نہ ڪڏهن مات
ڏاريندي ڏاڍي ڪي ، پڙهو ڏي پرپات
هيٺا سڀ هڻ ڪڻ ٿي ، ظربن ظالم ذات
ٿي کهاڙي ڪات ، ڇيري وجهن ڇور ڪ

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

حصو تهنجو حق ۽ در در نہ ڏج دانهون
ڦٻيو ڦورو ڦوڪٽ ۾ ۽ ڪري ڦهر ڪاهون
نوڙي تو نوڙت ۾ ٻڌيون ٻڪ ٻاهون
گهٽي اندر آهون ۽ پڙڪو ڏيئي ڪا باهہ ٽي

حصو تنهجو حق ۽ ٽئين مالڪ مان مزدور
ٻڌي ٻاهون ٻاڏائيندي ۽ منٿون ميڙ مجبور
پرستارڻ پوڇيندي ۽ نوڙت وڃائي نور
سدا جڏو جهور ۾ تاريڪيءَ ترندو وتين

حصو تنهجو حق ۽ ست آسمانن ٻڪ
نہ تہ پي زهر ڍڪ ۽ جلائي ڇڏ جهان کي

حصو تنهجو حق ۽ پر چور وڏو چڪ
بدماشين جو باب هو ۽ نوڙت ڪپيل نڪ
سنيري سنيري ساهہ ۾ ۽ هڻ ڪڻ هڻ ڪو ڏڪ
شڪاري ڪڏهن نہ شڪ ۾ سيڪندب ساهہ سڪي وڃي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

آءُ ڏيان تو ڏس ۾ ڏاڍي ڏنگھجي ڪيئن
گھلي هن گھوگھا ڏيئي ۾ وڍي وڍجي ڪيئن
نو نڪليون نڪ ۾ ۾ ڇڪي ڇڪجي ڪيئن
ڦلوڪڙو ڦسجي جيئن، مٽجي تيئن مري وڃين

جاڳو سدا جيءُ ۾ ننڊ وڏو ناسور
سڌ نہ پوي سهمندي ۾ سدا جھريل جھور
جاڳڻ وارن جستجو ۾ گھمن ڏينهان ڏور
سور نہ رهن سور ۾ ڏورڻ وارن ڏِ گھٽو

ننڊ وڏو ناسور ۾ نئين نيڻن نور
ڇڪي ڇڪ ڇورو ڪري، ڇم ڇم ڪري ڇور
بيڊولي بدن ۾ ۾ سنڌ سنڌ وڃهي سور
لولو لنگڙو لور ۾ ڦيڦو سدا ڦڪ ۾

ننڊ وڏو ناسور ۾ ڇڻ اونداهيءَ اڇاڻ
گھڙيال گھڙي ٽڪ ٽڪ، ڪڍي نہ ڪنهجي ڪاڻ
ڪسڪي وڃي خيال ۾ ۾ پوءِ نہ موٽي پاڻ
سيڪنڊ سيڪنڊ اهڃاڻ، واريءَ وقت وهي وڃي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ننڊ وڏو ناسور ، پيڙهي ڇڏي پل
گوڏا ڇٽي مم جان ،ڪمين ڪارين جهل
ڦيڦي ڦوهه جواني ، اک نہ ڪائي ڪل
ٽاري ٽاري ٽل ، ڳُٽيءَ منجهہ ڳري وڃي

رڪ نہ رستي راهہ ، تازيءَ تکو ڊڪ
محنت ڪش مزدور جان ، تتيءَ ٿڌِيءَ رڪ
پوئتي ڪڏهن نہ پنڌ ۾ ٽڪٽڪي جيان ٽڪ
جيءَ نہ ڪڏهن جهڪ ، سدا ڪاميابي قدم ۾

رڪ نہ رستي راهہ ، رک چورن واري چال
مونٽ سدا مهٽو ، خرابي ڪڏهن نہ خيال
اوندهہ ، انديشا ، اولڙا ، ڊِڪي ڇڏ تون ڊال
پل سوين لڳن سال،تہ بہ منزل پسجي محنت سان

رڪ نہ رستي راهہ ، تيز تکو ٿي ڊوڙ
تتيءَ ٿڌيءَ ترندي ، ڪٽ نہ ڪجي جوڙ
بادل جيان پچندو ، ماپ نہ ڪڏهن موڙ
ترت ٿيندا توڙ ، آرس پچجانءِ ان گهڙي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

رڪ نہ رستي راهہ ، پيڙا ساڙي ڪاهہ
مرڪ سدا منهن تي ، اندر پريل باهہ
توانائي تا تيندي ، ميگا واٽن ٽاهہ
خوف خطرو ڏاهہ، تہ چنڊ جيان چمڪي پوين

رڪ نہ رستي راهہ ، ڏور سدائين ڏک
پرواهہ ڪر نہ پيٽ جي،سختين سردين بک
مسڪرائي مل تون ، ميڙي خوشيون مک
ايندا سانوڻ سک ، مڙي تنهجي منزل ۾

توري گهٽي ٽڪ ، ڍنڍين ڍورن تر
پن ، لئي پري ڪري ، واٽ نہ ڪڏهن ور
ٽپي هٽي ٽوڀي جان ، جهاڳ وڏو جر
ٽيءُ نرجهو نر ، تہ منزل سدا منهن ۾

ٽڪج ڪڏهن نہ ٿاڪ، واٽن ويهڻ عيب
فڪر ڪو نہ فريب،منزل جي ميراث ۾

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

هريل هرائي هرايئي، تاڪوءَ هاڻي تاڙ
ڳري سڙي ساڙ ۾ اڪين ميرو ازل ڪان

دشمن دڳ سڃاڻ ،جنهن نيت ننگا پير
دوکو دلالي دل ۾ ۾ هجڙن واري هير
ڪوڙو سدا خيال ۾ من مڙيوئي مير
ڏنگهيو تنهن ڏقيرڏهہ ڏهہ پيرا ڏنب ڏيئي

شوشا چڏي شر جا ۾ روئي رڙي زور
ڪوڙو سدا ڪرت ۾ ۾ چپي چپي چور
ٻڪر جان ٻاڪون ڪري، ٻي ٻي ڪري شور
ڍنگ ۾ سدا ڍور ۾ شڪ نہ ڪو شيطانيءَ ۾

اسان نہ ريت رواج، جو ڏڪيون پٽيان ڏڪ
ملنسار محبت ۾ ۾ بڪ نہ بڪئون بڪ
ڦهي آيل قرب ڏيون ۾ پاڙي پاڙيون پڪ
حالين هلئون حق ۾ سڌي رستي سونهن جي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

جي روشن اندر اک ۽ تہ راھن رستن سک
تڏي ڏکيائن ڏک ۾ منزل کي موھي وجھو

ھوريان ھوريان ھل ۾ رنڊڪ روڪون ڪوڙ
ٽڪي ترچو پنڌ کي ۾ ماپي چڙ تون موڙ
ھيٺايون ۾ مٿايون جھر جھنگ جبل گوڙ
دم دم دل جي دوڙ ۾ حوصلو ھر ھر گھٽو

ھوريان ھوريان ھل ۾ ھلندن ڪڏھن نہ ھاريو
ور ۾ وڪڙ واٽ ۾ ۾ وک وک واٽن واڙيو
ڪڏا ۾ ڪٻا خيال ۾ ۾ پتر نڪر تاريو
ڳٽيءَ ڳولھي ڳاريو ۾ تہ پسجي منزل پنڌ ۾

ھوريان ھوريان ھل ۾ جيئن رستي نڪري نور
پنڌ جي پچاڙڪو ۾ تہ پنبڻين پيرن زور
ششدر ٿجي نہ شڪ ۾ ۾ چيلين چلپا شور
ٿجي نہ ڪڏھن ڪمزور ۾ تہ منزل ھوندي منڍ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فھيم عباسي**

هوريان هوريان هل ۾ چاهت وڏي چاهه
اوپاسين ۾ انگڙاين ۾ ساهي ڏجي نہ ساهه
منجهڻ سمجهه مهٽو ۾ رڪ نہ رستي راهه
ڪر ڪاهون ۾ ڪاهه،تہ حاصلات حاصل ٿئي

جڏو سڏو جيءُ ۾ تہ بہ ريڙهيون پائي رڙهه
گهلي پاڻ پڙ ۾ ۾ تيز تڪو ٿي وڙهه
پڙڪو ڏيئي باهه جيان ۾ گهايل ٿي پي گهڙهه
ڪتين ٽيڙن ٽڙ ۾ چمڪي چمڪي چوٽ تي

جڏو سڏو جيءُ ۾ تہ بہ هرٽيءَ هر هر چال
ڇهه فوٽ ڇلانگون پري ۾ وڏندو هل ڪي وال
ڪرٽن وانگي ڪرندو ۾ هلندو هل تو حال
ترتر تڪي تال ۾ پڇڙ تاري پنڌ جيان

جڏو سڏو جيءُ ۾ تہ بہ مهاڏو اٽڪاءِ
جوش جذبو جان ۾ ۾ وڪ وڪ پاڻ پڏاءِ
الڪو ڪڏهن نہ اندر ۾ ڪنوڻ ڪيڏ ڪيڏاءِ
هر وڪ اندر وڏاءِ ۾ تہ ڪتين سدا ڪلندي

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

جڏو سڏو جيءَ ، تہ بہ للڪاري تون لهہ
ڪڪرن وانگي ڪهہ ، تہ ارڏا بہ الجهي پون

هل چلانگن چال ، وقت وٺي موٽ
مڃائي مات ڏيئي ، گوءِ ڪٽي ٿي گهوٽ
سڏون رهن سيڪاٽڙين ، چيخن ڦاٽڻ چوٽ
وٺي وقتي ووٽ ، سوپيارو ٿي ساهہ ۾

اندر تون نہ اپار ، اپرڻ چڻ آوي
ساڙي ڳاري سوچ ۾ ، ڳچي ڦندو ڦاهي
سڪوڙي سوڙهو ڪري ، اڪ نہ آڳاهي
ڪا اندر اونداهي،جهوري وجهي جيءَ کي

اندر تون نہ اپار ، ٽاري ٽاري ٽر
صاف سٿرو سونهن ۾ ، ٿاهہ دلين گهر
ڏنين ڏکن مارينديي ، لاهہ مٿيءَ مر
ٿي ٽر ٻاٻيهو ٻڻ ، تہ مندن ۾ مهڪي پوين

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

اندر تون نه اپار ۽ اک نه سڙڻ سڪ
ٿاڪ ٿرٿلو ۽ لوچڻ لچڻ لڪ
الاهه توهار انڌي جان ۽ منزل منهڙو ٽڪ
ٿيءُ نه ڦڪو ڦڪ ۽ جيئري جيءَ جهان ۾

سڪ ۾ ڪٽج ساهه ۽ جيسين جان ۾ جيءُ
ڏکن سکن ڏوريندي ۽ زهر هٿن سان پيءُ
تتيءَ ٿڌيءَ تڙپ ۾ سياري پاري سيءُ
پٿر پهڻ ٿيءُ ۽ ته مهڪ ۾ مهڪي پوين

سڪ ۾ ڪٽج ساهه ۽ لڪون جهولا جام
فڪر ڪڏهن نه ڦلڙو ۽ هڻ هنبوشيون هام
ساڙيلن سڙڻ ڏي ۽ پڇ نه دنيا دام
اندر ڪو نه ابهام ۽ ليڪو لٽ پٽ لوپ ۾

سڪ ۾ ڪٽج ساهه ۽ ساهي ڪٽندي سور
دم گهٽجي دنيا ۾ پل پل تعنن پور
ماڻهن مهڻا من تي ۽ جيءَ جهجهو ٿئي جهور
جيڏو دنيا دور ۽ اوڏو اکين آسرو

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ڏکئي ڏاڍا ڏک ۾ من اندر مجبور
سڙي ٻري سور ۾ سنڌ سنڌ چڪنا چور
رڳو انگوشو انگ تي ۾ پير اگهاڙن پور
جوانيءَ جڏو جهور ساهہ لٽي نہ سڪون جو

ڏکئي ڏاڍا ڏک ۾ لڙڪي لڙڪي لڪ
پوءِ بہ سجدا سڪ ۾ لنگهڻ ۾ لڙهي پيو

ڏکئي ڏاڍا ڏک ۾ سڙي ٻري سور
نينهن وڃايس نور ۾ ٻکن ۾ بگڙي ويو

جيءُ سدا جوکي ۾ تيو جهور جلال
رڳو مهٺا ملال ۾ قرضي مرضي موٽ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

جهانڪي ڏس جهوپڙين ۽ عيد لڳو اڏ رنگ
ٻانهينءَ لولي ٻار کي ۽ تون لڳو زنگ
اوجاڳا اکين ۾ ۽ ليڙهون لٽا انگ
راتين ڏسي رنگ ۽ وطن مون وسري ويو

جهانڪي ڏس جهوپڙين ۽ ٻوسٽ ٻڙڪن ٻار
ميرانجهڙا مٽيءَ ۾ ۽ پولا پيوت بيڪار
ڏنگهيل سدا ڏک جا ۽ پليا ڪڏهن نہ پيار
سچا سندن سنسار ۽ عيد نہ سندن اڱڻ تي

جهانڪي ڏس جهوپڙين ۽ در ۾ سندن ديد
تن اڱڻ نہ آئي عيد ۽ ڳولها جن ڳيپي جي

جهانڪي ڏس جهوپڙين ۽ نياڻين ننگا پير
مرڪ نہ سندن منهن تي ۽ فڪر فاقن ڦير
مهاندن ميرانجهڙيون ۽ قسمت وڏا وير
هٿ ٿنگڻ هير، اجان پچين ٿو عيد جو

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

جهانڪي ڏس جهوپڙين ۾ سور ٻ سڪن سڪ
ريهون ڪوڪون رات ۾ ٻهانءُ ڏري تو ڏک
پتڪڙن جي پيٽ ۾ ، باھ ٻري ٿي بک
ڪنهن نہ وڏائي وک ۾ هو ويڏن ۾ وچڙي پيا

همت ڪڏهن نہ هار ۾ ڏور سدائين ڏک
يچ سدائين بک ۾ جهڪو ڪڏهن نہ جيءَ ۾

همت ڪڏهن نہ هار ۾ ڪاهي پئو تون ڪن
اٺ سدائين ان ۾ جهڪو ڪڏهن نہ جستجو

همت ڪڏهن نہ هار ۾ سياڻو ٿي ڪجھ سوچ
محبت رکي من ۾ ، لچي ڪچي لوچ
ڪڙڪي ڪارونيار جيان ۾ مندن ماري موچ
نڪ نڪ سدا نوچ ۾ ماٺي منزل مهان ٿي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

جهڪ نہ ڪڏهن جيءَ ، ڪر واسينگ جيان وار
ڦوڪارا ڏيئي ڦر تون ، دهشت ڏيهو ڏار
شو شو وڏا شوڪارا ، ميلن ڪر تون مار
هيسجن لک هزار ، ۾ مران سڀ مري وڃن

جوڳيءَ وانگي جهاڳيندي،جهر جهنگ سڀ لتاڙ
مٽيان کهڙي متيءَ ۾ ، تنهن تکيءَ نظر تاڙ
هر گهڙي حاصلات لاءِ ، وک وک واٽن واڙ
لڙڪ بہ ڪڏهن نہ لاڙ ، هلندو هل تون حوصلي

جوڳيءَ وانگي جهاڳيندي ، نانگن ڀرون نوچ
پل سمجهي پهر ڪي ،لچي لچي لوچ
مڻ ڪڏي متي مان ، سو سو ڀيرا سوچ
ڀ منهين بہ موچ ،تہ مٽيان ۾ مهان ٿئين

جوڳيءَ وانگي جهاڳيندي ، نانگن نورن هٿ
مٽيان جي ميدان ۾ سر سليقا سٿ
بين وڄائي بر ۾ ، ماپ منديون مٿ
ٿئي ليکو لٿ پٿ ، واڙيندي واسينگن کي

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

جوڳي ٻڌجي جوءِ ۾ ٽيٽي ڪر تون تيار
ماپي مٽي من سان ۽ سوجهي وٺ سنسار
صبح سويري سڪ ۾ گهمي وقت گذار
ڪر حيلا لک هزار ۽ ماري اندر من ۾

جوڳيءَ وانگي جهاڳيندي، گرميءَ سرديءَ گهمھ
پتو رک نہ پنڌ جو ۽ سوڙ پائي نہ سهمھ
گودڙيون ڪٽي گم ۽ گش پنهجي گر ۾

# ٺري ميرواھ ۾ ڀٽن تي جوڳي ڏسي

ڏس لاڏائو لڏ سان ، ڏنڌا جن جا ڏار
ڀنن سڪ پريت سان ، الجھن ڪين آزار
گودڙي لڪڻ لوڏيندا ، ڀنڊ ڀنڊ پيڙا پار
بوج نہ سمجھن بار ،ڳولھا ڪين ڳيي جي

ڏس لاڏائو لڏ سان ، ٽٻٽيءَ لڪڻ لوڏ
تن تي گندي گوڏ ،ڦاٽا ڪڏھن نہ فڪر ۾

ڏس لاڏائو لڏ سان ، سٽل پٽري پٽ
الڪو ڪڏھن نہ اک ۾ ، ڏوڙ مٽن ۾ لٽ
پاسيريون پڪيون ٽيون ، خيال نہ سارن ڪٽ
ڏاريون نہ متڪيون مٽ، توڪل ۾ ترندا وتن

ڏس لاڏائو لڏ سان ، اسر ويل اٿيل
ڏاڍا ٿيا ڏکن ڪان ، سنڌ سنڌ سور سٽيل
سڏا سمھن ڪين ڪي ، متا لٽ لٽيل
زندگي زنگ زنگيل ، پرفاقي فڪر ڪين ڪي

ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فھيم عباسي

تري ويندي تار ۽ وڌندو هل تون وس
ٿاڦوڙا ۽ ٿپڪيون ۽ گهلي هل تون گس
سسڪيون ڪڏهن نہ ساهہ ۾ سدا همت حس
ڏيهن ڏيندي ڏس ۽ ڪنڌيءَ ڪناري ڪن جا

تري ويندي تار ۽ منزل منهن م ڦير
جوڳيءَ وانگي جهاڳيندي ۽ پٺون ڏس نہ پير
هر هر هڪڙي هير ۽ پيرا ڪٽج پنڌ جا

واڳ جنهن جي وس ۾ سي مفتيا ميڙن مال
ڪٽ ۽ ڪٽوتي ۽ ڪميشن ۽ چڻ دلاليون دلال
پٽ ۽ پوٽي عياشيون ۽ ڍڪ نہ ڍڪجن ڍال
چورن واري چال ۽ مستيون مڳيون من ۾

واڳ جنهن جي وس ۾ لينڊ ڪروزر لهي
حق ڦٻائي هيٽي جا ۽ پائو پوتار ٿهي
ٺيڪيداري ٺش پش ۽ حصو پتي رهي
ٿو پيسو پاڙيءَ وهي ۽ عياشيءَ جي انڌ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

واڳ جنهن جي وس ، سو چئني پاسي چور
ڪٽيو ڪائي ڪاٺڪو ، پاور پٺيان زور
تاڙي تر تپائيو ، ڳوٺن گهمي گور
شريفن ٻڌي شور ، ٻرن ۾ ٻاڪون ڪري

ڏاڍا ڏکيا ڏک ، ڏارن هاڻ
ٻڄٽو سدا ٻپ ۾ ، ڪارو جيئن ڪو ڪاڻ
پيڙا هن پوڙهو ڪيو ، عقل خالي ٿانوءُ
ڏيو هن ڪو ڏاڻ ، ته ڏکن ڏکوئي وجهي

ڏکئي ڏاڍا ڏک ، من اندر مجبور
سڙي ٻري سور ۾ ، سنڌ سنڌ چڪنا چور
رڳو انگوشو انگ تي ، پير اگهاڙن پور
جوانيءَ جڏو جهوري ساهه لٽي نه سڪون جو

ڏائڻ تاڙن ڏيهه ، تڪن توا تهوار
بڇڙا،بيهودا ، بدمغز ، منڪر ميرا مڪار
پيوت سدا براين ، پيلي منهن بيڪار
گهيريو تنهن غدار ڏنگهي جو هن ڏيهه کي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

اسان ڏنگھيو ڏاڍ ۽ ڏاڍي لٽ ڏاڍي
نچوڙي نهن تائين ۽ تن من ڪئي تادي
هڪلي هر هر هل تي ۽ پٽس چڻ گادي
تن وهايو وادي،جن جٽيون ڪيون جاٽا هٽي

منڪر ،منافق موالي، خلق اڳيان ڪيو خوار
ٽوڙي ناتو نينهن جو ۽ ڏڪي هن ڪيو ڏار
وڪوڙي وجھ وٽي ۽ ٻوڙيو پاڻيءَ تار
هو مڪاري مڪار، ٽو وطن ويڳاڙو ڪري

***

# بينظير ڀٽو جي پهرين ورسي تي

وري اڄ گولي ، ويڳاڻو تيو ڪو
وري اڄ گولي ، نئين ٻولي ٻولي
ڪسيو پيءُ ڪنهنجو ، نئين رت هولي
رشتن لتاڙيو ۽ ٻچڙن ٻها ريو
لتاڙيندي ليڪا, تي ڇهيڙون ڪا چولي

وري اڄ گولي ، ويڳاڻو تيو ڪو
ڪتي ڪنهن نہ قاتل ، پچاڙو تيو ڪو
رهيو راڄ چهرن جو چلمن سدائين
دور هيءُ بلاول جو گهاڻو تيو ڪو

وري اڄ گولي ، ڪڙميءَ تي ڪڙڪي
ڏنو ساهہ ڦٽڪي ،ڪا اک بہ نہ ڦڙڪي
قانون انڌو ، قانون ڪارو, ازل کان پهارو
اڙي اي زمانا ، ڪنهن ظالم ويو ڳڙڪي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

وري اڄ گولي ، جوانيءَ کي جهٽيو
تهمت ۾ ڪاري انسانيت کي ڦٽيو
غيرت ۾ گندو ، پوڙو ۽ انڌو
وٺي بيل ڪورٽ ، نئين ڏگ مٽيو

وري اڄ گولي ، لسانيت للڪاريو
چڏي پيٽ پوچا ، هٿيارن پڪاريو
ڪيئي گهر ٻهندي ،ڪيئي لاش ڳرندي
حڪومت حماقت ۽ نفرت ويچاريو

وري اڄ گولي ، چوواٽي ڪنهن چٽيو
بيوقتي بيڏوهي ،سمهاري ڪنهن سٽيو
رڳو لاش ڪٽندي دفنايو وڃي در
عدل چهيڙون چهيڙون، ڪنهن رياست نہ پڇيو

وري اڄ گولي ، ڪي مسجد ۾ ماريا
خدا آڏو جهڪندي ، رڪوعَ ۾ڪي ڳاريا
هي انصاف انڌو ، اڄ دهشت آ ڏنڊو
هي ڪهڙي آزادي ، جنهن پنهجا رئاريا

**ڪرڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

وري اڄ گولي ۽ نشاني ڪو بڪيو
عزتون لٽائي ۽ پنهجي ڏيهه ڏکيو
ڏنگهيو ڏاڍ ڏاڍي ۽ چرٻٽ چوائي
غلاميءَ ڪان بدتر ۽ آزاديءَ ۾ ڦٽيو

وري اڄ گولي ۽ لوڙهن لتاڙيو
نندڙن ۽ ٻچڙن ۽ ٻڍڙن ڪي تاڙيو
گهر گهر مان هوڪون ۽ ڦهرام ڪوڪون
ڏاڙيل ڏرتي ۽ اجهن آ اجاڙيو

وري اڄ گولي دنگو درسگاهن
ٽولا ۽ ٽوليون ۽ ڦڏو حسن چاهن
ڪي گولي ۾ گهايا ۽ پنهجن رت وهايا
نفرت جي سياست ۽ نہ ڏوهن گناهن

وري اڄ گولي ۽ ڪنوار ڪنهن کهايو
ڪري ڪاري ماري ۽ انسانيت لڄايو
ويچاري ويڳاٽي ۽ نندڙي ڪان نماٽي
ٽاٽي پڇاٽي ۽ ڪو ڏوهي نہ ٿاهيو

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

سهندي سور سر تي سڀ وچايم ساز
هينئڙي هنيون هٿڪڙيون ۽ نينهن نخرا ناز
ٻنڌڻ ٻڌي آهيان ۽ روح پنهجا راز
گهوريان سڀ انداز ملندي ئي محبوب تان

ٻنڌڻ ٻڌي آهيان ۽ نيڻن ننڊ حرام
سينگار سڀ سسي ويا ۽ من ۾ چڻ ماتام
لرزان ۽ لڙڪان لوڙ ۾ اندر ڪو اپهام
گذر سڀ گمنام ۾ هلندي هلان هوت ڏي

ٻنڌڻ ٻڌي آهيان ۽ واٽن ويهان ڪيئن
پيرن پنڌ نه نبري ۽ سڪ ستائي تيئين
ٽاٻڙجي ٽوهر تي ۽ جتي سرڪي جيئن
جبل هاڃا هيئن ۽ تو نه جڳائن جيءَ سان

ٻنڌڻ ٻڌي آهيان ۽ چڪ نه چني ساهه
پلي جبل جتن ڪر ۽ چارئي پهر مون چاهه
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ ۽ مون رلائيئي ماهه
لڳ ۽ لاڳاپو ۽ لڳاءُ ۽ واٽ ويهڻ نه ڏيئي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ڀنڊڻ ڀڏي آهيان ، جيءَ نہ اڇي جهل
ساريان سڄڻ سڪ ۾، الجهان ڪين اٽڪل
ڏونگر ڏاڍايون ڪندي، ڪهڙي تو ڪي ڪل
ٽاريان ڪيئن سي ٽل ، پٽون پير پهڻ ڪيا

ڀنڊڻ ڀڏي آهيان، قسمت ڪو نہ قصور
لڳي لونءُ لوچ سان ، دل جو هي دستور
محبوبن جي ماڳ تي ، محبت آ مجبور
اسان سڪ سرور ، راز پروڙيا رمز جا

سڪان سڪ سڄڻ ، ننڊ نہ نيڻن رات
محبت مڙي من ۾ ، تن تڙپائي تات
هر هر جهري جندڙي، ڏنگهي پئي ٽي ڏات
اسان وائي وات ، من ۾ محبوبن جي

سڪان سڪ سڄڻ ، اندر منجهہ آڙاهہ
پل پل پليو نہ ٿئي ، برهہ ٻچڙي باهہ
ڳنڍ ڳنڍين ڳنڍيو ، واٽ نہ ڏسجي واهہ
سوگهو ڪيو ساهہ، ارواحن ڪان ازل ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ارواحن ڪان ازل ۾ ، ڳنڍ ڳانڍاپو ساھ
پل نہ پلجي پريت ۾ ،چارئي پھر ڪو چاھ
سڪ سمھڻ نہ ڏيئي ، ٿري ڪريو ٿاھ
روز تڪيان ٿو راھ ، ماندو من ملڻ لاءِ

ارواحن ڪان ازل ۾، ڳنڍ ڳانڍاپو نينھن
پل نہ رھي پريءَ ريءَ ،محبت وسي مينھن
سڏو سمھڻ نہ اچي ، ٿارو ڪريان ڪيئن
اسان راتو ڏينھن ،ملڻ لاءِ ماندا رھون

# ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾

ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾، گلين گهٽين گور
مسيڪنن جي مال تي، زورآوري ۽ زور
سوچ سياڻا سمجهه سان،ڪڏهن نہ ٿي ڪمزور
ڪري واڪا ۽ شور، ڀڄايو ٻچڙن کي

ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾، جتن ڪيو جاڳ
ڇيري ڦاڙي چور کي، واڳ ڏٽي ڏيو واڳ
سک سرجيو سوچ ۾،ڀاڙيو ڪنهن نہ ڀاڳ
محبت ميڙي ماڳ، سکيا ٿي ساهه ڪٺو

ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾، تون ٿو تاڙين ڄار
جوڀن تنهجي جيءَ ۾، ور ور ڪر ڪي وار
تو وٽ طاقت تک جي، هيئڙي مڇج نہ هار
ڀڄندا سپ بيڪار، پوئين پير پڇتاءَ سان

ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾، نيٽن ننڊ حرام
واڙيو واڻن وچم، شور مچائن شام
ڏيندي ڏک ڏتڙيل کي، الجهائن ٿا عام
سي وڍي وڍ تمام، اجاڙيو جنهن امن ک

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ڏائڻ گھمن ڏيھہ ۾ رياست رت ڪمزور
ٻڌڻ وارا ٻڌيءَ ۾ چندا گھرن چور
پير ۽ مير پٽ ۾ لک لڳائن زور
ڦورو گھمن گور پاسداري پوليس جي

ڏائڻ گھمن ڏيھہ ۾ ۽ سھنجو ڪٽج نہ ساھہ
عيدون هن اجاڙيون ۽ زنگيو چاھت چاھہ
جن ٽڳيو مارن مند ۾ تنھن جڳ نہ ٿھي ٿاھہ
جنھن تر پر ڪيو تباھہ ويڙھيو تنھن وجود کي

درياءَ وڏي ڏوڙ ۾ مانجھند رڙي روز
ڄامشورو ڇپ ۾ سڪندي سڙي سوز
دانھون ڪيھون ڪوٽڙي اک اک اڙي حوض
ٺٽي ٺٺولين ڏوز ۾ لڄ للڪاري گھٽو

دلبر منھجو ديس ۾ آئل گيس انبار
پٿر ۾ ڪوئلو پيٽ ۾ هيرا لک هزار
قبضي سڀ ڪارون جي ۾ ڪتيو ڪائن يار
لھو سندس سار تي والي وارث وقت تي

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

سنڌوءَ پيٽ سکل ، پلي پڪاريو
ڪونهي ڪڙڪو ڪن جو ، نڪري نهاريو
نسل مون تو ناس ٿئي ، ويهي ويچاريو
جاڳي جياريو ، ته جوان ٿيا جوءِ ۾

دانهون ڪري درياءَ ، پلا تڪن پار
سينگاري سسي ويئي ، پوپرين پڪار
ڇرڪو ڇمي ڪين ڪي، شاڪر شڪ هزار
ٿي لهڻي آ لاچار ، مند اڳ مريو وڃي

دانهون ڪري درياءَ ، سڃا ٿيا سيسر
ٿيليءَ سدا ٿرٿلو ، ڏنگا ٿيا ڏيڏر
موراڪي منجهي پيئي ، سير نه گهمي سر
ڪيهون ڪرڻن جرڏين جو دانهون ڪري

يادن ياري يار جي ، ننڊ نه نبري نيهن
پل پل پليان پر وري ، محبت وسي مينهن

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

انگ اڙيو ازل کان ، روح رليو جيئن
ڪيان تنهن مان ڪيئن، وسان جنهن وجود ۾

يادن ياري يار جي ، ڳڙن ڳوڙها ڳل
سرڪي سڪ سڄڻ جي ، پورن وچڙيل پل
من ۾ ڪا مانداڻ آ ، جيءَ نہ اچي جهل
کهڙي مون کي ڪل ، راز نہ ڄاڻان رمز جا

يادن ياري يار جي ، روئان ساري رات
تپش تشنگي تن ۾ ، محبت ڏني مات
سڪ سمهڻ نہ ڏيئي ، توري سگهان نہ تات
پرهہ ڦٽي پرڀات ، اکڙين سان اٽڪي پوان

يادن ياري يار جي، ٻيهر ڪا ٻڙڌوڪ
ٻڙڪي اندر اڌمن ۾ ، لڪ لڪوٽي لوڪ
پنڌ پاروٽو ڪيو ، ماڻهن مهڻا ٽوڪ
جيئن سارين ساڙي سوڪ،تيئن سڪي ويس سور ۾

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

# بينظير ڀٽو جي پهرين ورسي تي

ڏيئي موت منهن ۾ تي مڃائي مهان
موت مري سيڪو، موت نہ ماري شان
اڪ اکين آمر جي، جڳ جاڳايو جهان
اڙي او انسان! اسان نِيايو نينهن سان

ڪڏهن وڇن وطن جو، ڪڏهن سڪ سڄڻ
اگهي تہ لهان اڻ ملهو، ٽٽندي سور سجهن
هڪ منزل موت جي، ٻيو مهٽا منهن لڳن
ٻنهي دل ڏکن، وڇڙي ٻيس وچ ۾

هيءُ نہ منهجو شان، ڪڏهن ٿيان ڪمزور
مهراڻ جي موجن جيان، هل هنگامو شور
منهجي پريت مارن سان، مارن رهنديس مور
ظالم تنهجو زور، هڪ جهونڪو هوا جو

ڪر ڪو واڪو وس......................................................فهيم عباسي

وڃن ويرهيچن سان ۽ صدقي ڪيم ساهه
ڌرتي تنهجي دڳ تي ۽ رت وهايو واهه
موت ماري آءُ مران ۽ موت مري تو ماهه
اکين منجهه اتساهه سنڌوءَ سلاميون گهٽيون

وڃن ويرهيچن سان ۽ مٽي منهجي ماءَ
ٽر ٻر ٽڌڙي هير ۾ ۽ مارن هل هڳاءُ
سر ڏين سنڌ تان ۽ وطن لڳ لڳاءُ
سڪ ۽ سرور ۽ ساءُ ۽ سک سهمڻ نہ ڏيئي

وڃن ويڙهيچن سان ۽ هينئڙي منجهه هران
گهوريان جان جندڙي ۽ ڳٽيءَ چو ڳران
هام هٽي هر گهڙي ۽ روئي چو رڙان
ٽي تارن ساڻ تران ۽ ابي ۽ ادي ان گهڙي

وڃن ويرهيچن سان ۽ وطن ڪيئن وساريان
محلين سمهي موج ۾ گهڙيون ڪيئن گهاريان
ڏک منهجي ڏيهه ۾ ٽاري ڪيئن سي ٽاريان
واري واري واريان ۽ سئو سئو جنم سنڌ تان

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

اسان نينهن نپايو ، اجا اکين اڄ
جهرندڙ جهوپا جهري پيا ، راتا ها ۽ رڄ
ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾ ، ديس منهجي سڄ
جيئن پيش مجڃي مڃ،تيئن ويڌن ويڙهيچن سان

ڪانئر ڪن ڪوڪون ، گدڙيا گڏيا ڪوڙ
ايلفي اکين ۾ ، رڳو لالچ لوڙ
ڏهه منديون ڏک جون ، گجگوڙ گجي گوڙ
ٽپا ڏيئي تون ٽوڙ ، زنگيل زنجيرن کي

وچن منهجو وطن سان ، ڏنم نذرانو نينهن
اسان جذبا جيت جا ، ظالم پٽڙي ڏينهن
ٻوڙي رت رڳن ۾ سنڌوءَ وهڪرو جيئن
ٿي شهيدن سان شينهن،سرخرو ٿيس سنسار ۾

# ڏائڻ منهجي ڏيهہ

ڏائڻ گهمن ڏيهہ ۾ مارون سپ بيزار
لوين لوسڻ لڪ ۾ لين نهرون نار
ننگا هو نيت جا ۽ وڪامي ڪن واپار
ڪڻ ڪانياٽي يار ۽ ٽاٽا ڪري ٽش ڪر

ڏائڻ گهمن ڏيهہ ۾ ۽ عدل وڪامي عام
پا ٽاريدار پٽو ٽيو ۽ جتيون ڪٽن جام
پوليس پنهنجي پر ۽ رڳو هنبو شيون هام
ساوا صبح و شام ۽ لٽن مال مسڪين جو

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ڏائڻ گهمن ڏيهه ۾، تاراج ڪيو تر
ڏاڍ مڙسي ڏنڊي تي، ستايو گهر گهر
چوري ڪن چرچ تي، چوڙيا ڦر هر در
واهڻ وسندين ٻر، مارون ملڪ منجهي پيا

رهبر روليو رج ۾، ٺڳن ڪري ٺاهه
پاڙي پاڙيئي پوءِ ۾، ڪيت ڪپايو گاهه
ننگو هو نيت ۾، وڪي چاهت چاهه
مٽ ۾ اٿس ساهه، ڏسي مرد مليرجا

رهبر روليو رج ۾، وڏيو ڏيهه ڏڪار
لڪي لٽيو لوڪ کي، سٿيا سک سنسار
گونگو ٻوڙو گس ۾، وطن ڪري واپار
هو بيهودو ۽ بيڪار، پير ڪڍي ٿو پٽ ۾

رهبر روليو رج ۾، قسمت نه ڪاري رات
چور گهمن چو طرف، هيٺا هٿ حالات
مفت ۾ منسٽر ٿيو، واتڙيا هٽن وات
زناني هن ذات، روش ۾ روئي پوي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

رهبر روليو رچ ۾ ، سگهو سچ سڄاڻ
سودا ڪري سنڌ جا ، اڳيان سٺ اهڃاڻ
مٺ پڳڙن مرڪندي ، چورن ڏيئي چاڻ
ڪڏي نہ ڪنهجي ڪاڻ ، سرن جا سودا ڪندي

رهبر روليو رچ ۾ ، اڄان تو اعتبار؟
ووٽ لاءِ والي ٿي ، جهوليون جهلي يار
موٽ ڪڏهن نہ ملٽي ، وڏو هن واپار
ڪهڙو ان آڌار ، جو سار نہ لهي سور ۾

رهبر روليو رچ ۾ ، جي آڱرين ڳڻجن اٿ
پرائي پيسي تي ، ڪن ٽٽوليون ٽٽ
داٻا ڏيئي ڏٻيل کي ، هڪلون ڏين هٿ
واڙي هن ڪيو وٺ ، ستين پيڙهيءَ سڌ لاءِ

رهبر روليو رج ۾ ، ڏکي نہ کيو ڏار
تڏي هن تونا هٽي ، ورور کيو وار
مالڪ تون ملڪ جو ، حيلا لک هزار
مڙي هن ڏيو مار، تي سپوت سنڌ جا

دل جي ڏات اڌاري آهي
ڏات ڏکن سان ياري اهي
ياري وقت سان پياري آهي
اڃا اڄ اڌاري اهي

## فلسطين تي

ظالم تنهجي ظلم جا ، ڏٺا ڏيک ڏکاءِ
پچندي بارود سان ، ڏسي لوڪ لڪاءِ
قهر ڪندي ڪنهن گهڙي ، پل نہ تو پڇتاءِ

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

لڳ نہ مون لڳاءِ پوري توکي پوءِ پران

ظالم تنهجي ظلم جا، قهر قصا کوڙ
ونين ويڳاڻو ڪري، اڃا توکي لوڙ
وقلين وات واتڙيا، ٻڪين ڍري ٻوڙ
گهوٽن ہڏا موڙ، لهندا لائون وطن سان

ظالم تنهجي ظلم جا، پيرا ڪٽنديس پنڌ
باهہ ٻاريئي ياڄڙيا، هيٺا سي تو هنڌ
ماري مون موت ڏيئي، اڪين ڏنا انڌ
ڪنديس قربان ڪنڌ، ڌرتي تهنجي ڏنگ تان

ظالم تنهجي ظلم جا، وقتي پيرا پير
چورن جي چرچ تي، هر هر توکي هير
ارڏاين انڌو ٿئين، لاش لڳائين ڍير
اسان غليظن غيرہ جوٽي جنگ جنون سان

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ظالم تنهجي ظلم جا ۽ ڪن پٽو پوئواري
ويٺو جن کي ووٽ ۾ ڪڍڙن تنهن ياري
هيٺو تون هٿيار سان ۽ تنهجي مت ماري
تون عقل انڪاري ۽ سدا ياڙيو پوءَ ۾

ظالم تنهجي ظلم جا ۽ ڪارا سڀ ڪرتوت
انسانيت جي آڙ ۾ ۽ اندر بگڙيل پوت
ڪارن ڪارنامن ۾ ۽ فوٽن انچن سوت
اسان سڪ سپوت ۽ سر ڏيئي سرها ٿيون

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

# فلسطين م قتل ٿيل معصوم ٻارن جون تصويرون ڏسي

قھر ڪندي نہ ڪل ء سفيد ڪفن ڍير
گلاب جهڙن گلن سان ء وڏا وڍيئي وير
تون ڪميڻو ڪرتوتن ۾ڪپن نہ تنھجا پير
ڪدڙا گھر تون خير۾پنھجي جيءَ جهان جو

قھر ڪندي نہ ڪل ء سفيد ڪفن ٻار
چيلھ ڀڃي چھو ڪري۾دليون ڪيئي ڏار
اونداھي اکين ۾ ء پر نہ پاراتو پار
مڃان ڪڏھن نہ ھا ۽ انڌو تون ازل ڪان

قھر ڪندي نہ ڪل ء لعنت توتي لک
ڀرمار بيانن جي ء جڳ ۾ ھٽين جڪ
شر ۾ شيطان تون ء ساڙين ڪاٺيون ڪک
رولي ڪندس تو رک۾مون ڪفن ٻڌو ڪنڌ سان

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فھيم عباسي**

قهر ڪندي نه ڪل ۽ سڀ لتاڙيئي لڪ
پاپي تون پاپن ۾ ڌڪيو پٽيان ڌڪ
ماري معصومن کي ۽ سڀ مٽايئي شڪ
ڪڏهن نه هاريو حق ۽ دنيا جي دستور ۾

قهر ڪندي نه ڪل ۽ چارئي پهر تون چور
باور بم ۽ ميزائيلن ۽ زورآوري ءِ زور
ٺان ٺان ڪرين ٽرڙا ۽ ڍنگ ۾ آهين ڍور
هي داداگري ءِ دور ۾ مٽيءَ ملائي پوءِ مران

ڏاڍا ڏنگا ڏڏ ۽ ڏيهه ۾ ڏائڻ چور
وطن جي واپار ۾ ۽ انڌا آدم خور
خبيس سدا خيال ۾ ۽ وڪائو در دور
اسان ظالم زور ۾ لنگهڻ ۾ لوڙهي وڌو

ڏاڍا ڏنگا ڏڏ ۽ وطن ڪن واپار
ڏوڪڙ جي ڏي تي ۽ ڪمائو ڪمدار
لالچ ۾ لوٽيا ۽ دڳ ڪندا ڌار
ڪهڙا ان آڌار ۾ جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ڏاڍا ڏنگا ڏڏ ۽ ڏائڻ ءِ ڏوهي
وڪامي ور ورورن ۽ گذر هر گوهي
ٻڄڻا سدا ٻپ ۾ ٻڪي ڪن ٻوهي
لسي جيئن روهي۽پڏرا تيئن هر پنڌ ۾

جهليان پليان جيءَ ڪي۽ جيءُ نہ وٽي جهل
جهڄي جهري جندڙي ۽ پچان پڇران پل
سورن سر هڪڙو ۽ ٽاري سگهان نہ ٽل
نيڻن نيرون نل ۽ اکين اڃان آسرو

اکين اڃان آسرو ۽ سڄڻ ساريان سڪ
لڇان ٻڇان لڪ ۽ لڪي ساري لوڪ ڪان

لڪي ساري لوڪ ڪان ۽ روئان زوروزار
تن من تڙپي تات م۽اڇلون۽اوچنگارون پار
سڪ سرجي ساهہ ۾ يادن ياريون يار
سنڌ سنڌ سڄڻ سار۽جهوري وڌو جيءَ کي

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

جهوري وڌو جيءَ کي، يادن ياري يار!
ڳڻتيءَ ڳران ڳجهه ۾، مٿان وهم ويچار
هينئڙي لڇ پڇ هر گهڙي، ڄڻ مڇي ڦاٿل ڄار
موت سگهو منتار ۽ محبت من منجهايو

عشق نہ اکين راند ۽ پرکيڏڻ وارا کوڙ
محبت سرجي من ۾ ۽ رڳو لوچون لوڙ
سيڪاڙيا سڏن ۾ ۽ واڻن ڏين ووڙ
پيار ٿيلي نوڙ سنڌ سنڌ سرڪي ساهه ۾

عشق نہ اکين راند ۽ جگر جيءُ جلي
ڳڻتين ڳاري ڳجهه ۾ پل پل پاڻ پلي
ماڻيٽو ٿي مات ۾ سور نہ ڪنهن سلي
هلندي همت هلي، هار نہ مڃي هڪ گهڙي

عشق نہ اکين راند ۽ جلي جيءُ بدن
راتو ڏينهان روح ۾ ۽ ڦٿڪي رت رڳن
ڪاڙهو ساڙو سوچ ۾ ۽ دل ۾ دود دکن
محبت ماڻي تن ۽ جن جوکي وڌو جيءَ کي

**ڪر ڪو واڪو وس......................................................فهيم عباسي**

عشق نہ اکين راند ۾ سودو سدا ساھہ
جگر ۾ جيرا ۾ بکيون ۾ پتو سدا پاھہ
پچي پتنگن جيان ۾ چکور وارو چاھہ
ٿٽ نہ ٿانگر ٿاہ ۾ تڙپي تڙڳن تک ۾

مھٽن ماري آهيان ۾ ستائن سارون
اندر ۾ اٿلي پوان ۾ پيار پکارون
لکي لوک لکايان ۾ گذريون چمارون
لبڙن للکا ر و ن ۾ لکائي لڄ مران

لڄان لکي لوک ۾ روئان زاروزار
هير تهنجي هينئڙي ۾ ڳلن ڳوڙها پار
هيکلي هرکي پوان ۾ اکين تو آڌار
سچا مون سنسار ۾ اکيلي الجهي پوان

نک ۾ هنئين نت ۾ پيار پليان کيئن؟
واڳ تهنجي وس ۾ ۾ روح رليان کيئن
چک چنڻ نہ ڏيئي ۾ سور سليان کيئن
جيءَ جهليان کيئن ۾ سک مون سوگهو کيو

**کر کو واکو وس.........................................................فهيم عباسي**

واڳ تهنجي وس ۾ ، ٻوڙين يا تارين
نازڪ ناتو نينهن جو ، ٽوڙين يا ٽارين
ذات وڃائي زم ٿيم ، ڪوڙين يا ڪارين
موڙين يا مارين، اسان تهنجو آسرو

ساهه منهجو مٺ ۾،سمهڻ نہ ڏيئي سور
اوجاڳا اکين ۾ ، جيون منهجو جهور
لڙن لڙڪ ڳلن تان، محبت ۾ مجبور
اسان سڪ سرور، سڪ سمهڻ نہ ڏيئي

هڪ سڄڻ،ٻي سڪ،ٽيون صاحب جو سرور
ويهندي ويهڻ نہ ڏيئي ، ننڊ نيڻن دور
روز ازل کان روڳ ۾ ، دل جو هي دستور
ڏکن ڪيو ڏور، محبوب پائئي من ۾

اکين سان اٽڪي پوان،محبت ڏني مات
چلولايون چاهہ جو،ڪاڙهان ، ڪڙهان تات
زم منهجي ذات ٿي، روئان ساري رات
وڃڙي پنهجي وات،امر سان اٽڪي پوان

ور وري ور ، وري وريو سور
يچي، يچي باهہ ۾ ، چاهت ڪيو چور
وٽ وٽيل وٽ جيان ، محبت ۾ مجبور
ساعت، سڪ ،سرور، سڌو سمهڻ نہ ڏيئي

ور وري ور ، ساهن تنهجي سار
هرائي هريل ڪي ، ڏڪي ڪجي نہ ڏار
ڦران،ڦٿڪان ڦڙڪندي،جيئن مڇي تڙپي ڇار
سجان مون سنسار،سڏڪن سٽڪن سور ۾

وري ياد ورايو ، چڻ واٽهڙو ڪنهن اچ
جيئن ڳڙو ڳاري ڳاهہ ڪي،تيئن اکين اچا سچ
هاچو هانءَ هر گهڙي ، روح رلي ڪنهن رچ
محبت مچجي مچ ، رچي آءُ راس ٿيس

وري ياد ورايو ، گهڙي ٻہ گهاريان ڪيئن
عجب عادت اکين جي ، ٽاري ٽاريان ڪيئن
اندر السر الجهيو ، ڦٽن ڦاڙيان ڪيئن
محبت ماريان ڪيئن، مهنجو من محبوب ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

وري ياد ورايو ۽ دل نہ لڳي دم
هڪ سارہئي سڪ ۽ ٿيون وڇڙڻ وارو غم
چاهت مون ڇپو ڪيو ۽ اندر باهيون بم
ڇڳي نہ ڇريو ڇمہ لنگهڻ مون لوڙهي وڏو

وري ياد ورايو ۽ ور وري يار
هيئڙي هئيون هٿڪڙيون،ڇڪ نہ ڇڪجي تار
واڳ تهنجي وس ۾ ۽ محبت ماريو مار
اسان سڄڻ سار ۽سنڌن سرڪي ساهہ ۾

سٽ نہ سهان سورہ سور وڃايم ساز
اوجاڳا اکين ۾ ۽ الجهان اک انداز
پيمانا پر ٿيا ۽ اڻ تڻ ڪي آواز
راتين منهجا راز۽ پارکو ڪو پرکي ڏسي

سٽ نہ سهان سور ۽ اڳ ئي من مانڌاڻ
لڄ پڄ لڪي لوڪ ڪان ۽ سورن سانديان ساڻ
پڇي پاڻ پڇائيو ۽ سنڌ سنڌ سورن ڇاڻ
اڄان ڪي اهڃاڻ ۽ اکڙين سان اٽڪي پون

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

وري ياد ورايو ۾ پل پل پچان سڪ
چڪي هر هر چڪ ۾سڄڻ ڏي سوري وجهي

تڪو تيز طوفان اجاڙيندو توکي
او ظالم ! او جابر! لتاڙيندو توکي
رستي رڪاوٽ ۾رهي خواب خيالي
پٽي پاڙ تنهجي ۾ ساڙيندو توکي

گهٽو تو گهمنڊ ۾ ستايو گهٽو آ
اٿاري ويهاري ۾ اچايو گهٽو ا
ٽٽوليون نہ ٿهنديون۾ٽپن تون ٿهيل آن
ڏِڪي روز دلدل ۾ ڦٻايو گهٽو ا

دوکو دلدل دڳ ۾ دلاليون دم دم
اونداهي اکين ۾ مايا محبت غم
عقل مت اڳڙيون ۾ چڳي چاهي چم
هي ماٺهو چڻ ڪا مم۾مٽيءَ ميرو مند کان

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

ڏھ ڏھ چانگھيون ڏينھن ، ٽڳن ڪري ٽاھ
ٽرڙو ٽوٽي ٿھڪ ڏيئي ، ڦارين ڪري آگاھ
ڪتي واري ڪارھن ، چٽي چانوٺ چاھ
وڪ وڪ سندس واھ،راھن ۾ روڪي وجھو

در در دلاليون ، قلب ڪاري ڪٺ
گوھي ڊوھي گر ۾،ماڻھوءَ نہ سمجھي مٺ
ڦرٽي وانگي ڦرٽو ، وڪ وڪ ڪائي وٺ
ڇمندي ئي ھو ڇٽ ، اندر ڪارو ان جو

چيرن چورن راڄ، ڦورو ڏين ڦيرا
ڪرتوتن سدا ڪميٽا ، ٽاڙن دڳ ديرا
عدل انڌو ھر گھڙي ، سڙن جگر جيرا
سي ماڻھو سپ ميرا،ڏنگھيو جنھين ڏيھ کي

پٽن پاڙون پھنجا ، ڏجن ڪنھن داھون
راھن رولي قوم کي ، وڪوڙيون واھون
دعوت ڏيئي ڦارين کي، وڪوڙيون واھون
ٻٽيون ديس ٻانھون، پڪارن ٽيون پيار لاءِ

## ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي

عدل انڌو اک ۽ ساڙي ڳاري سچ
ڏيئي ڏاڍ ڏاڍي کي ۽ ڪوڙ ڪاچي ڪچ
هيٺي هٽين هٿڪڙيون ۽ بچي بلائون بچ
ڌوڙ اکين ۾ اچ ۽ مظلومن ماري وجهي

اسان رهيو آسرو ۽ تاريندو ڪو تار
ڪڍي ويڏن وچ مان ۽ پڪ لڳائيندو پار
ڌارين ڌڪي در تان ۽ ڏائڻ وجهندو ڏار
مور نہ مڃندو هار ۽ ڏيئي منهن موت ۾

ڏسي ڏيهه ڏڪار ۽ سڙن جگر جيرا
پلاري هن پونءِ تي ۽ ماڻهو ڪجهه ميرا
دلڪش دلبر ديس ۾ ۽ ڦورو ڏين ڦيرا
نيرڳ ۽ آڙيون ۽ ڳيرا ۽ وطن ويڳاڻا ٿيا

ڏسي ڏيهه ڏڪار ۽ بدن باهه لڳي
ٽڳيون ۽ ٽٽوليون ٽڪر تي ۽ مستيءِ مڳي
چٽي چانوٺ چاهه سان ۽ ٽڳن ٽاهه ٽڳي
ترتر هن تڳي ۽ هٽي هنبوشيون هر گهڙي

**ڪرڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۾ هانءُ ڏري تو حال
ويچارڙا ويڌن ۾ ۾ گذريا سورن سال
قرضي مرضي ڪنڌ ڪنڌ۾قرجن چورن چال
پلجي سڪي پلال ۾ ڳٽتيءِ مينھن ڳاريو

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۾ لچان ۾ لوچيان
سڌڪان ۾ سوچيان۾مارن هيٺي حال تي

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۾ پڙڪي رت رڳن
والي ويڳاڻا ٿيا ۾ ڪڙڪي قهر ڪنڌن
بکن بيگانو ڪيو ۾ ڦڙڪي ڦورو ڦرن
اکيون۾اندر سڙن ۾ ڏسي ڏائڻ ڏيھ ۾

ڏسي ڏيھ ڏڪا ر ڪانداريا مون وار
ويڌن ويڙيھچن سان ۾ آزارن انبار
چٽيو چاهت چيرن ۾ بيوس ڪيڏا بار
ڏڪي هن ڪيو ڏار ويرن ساڻ وجود ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۽ ھانءُ ڏريو مون ھيل
ھيٹي حالت ھڪڙي ۽ بيوس ھر ھر پيل
رتن ڪيس رلايو ۽ جيون جيري جيل
جيئن رڙيون ڪري ريل ۽ ٻولي تيئن ٻاڪون ڪري

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۽ ڏاڍ وڏو ڏھڪاءُ
جيتامڙا جوءِ ۾ ۽ جھڪن جڳ جھڪاءُ
ڪترجي ڪمزور ٿيا ۽ حياتيءَ ڪونہ ھڳاءُ
ڏسي لوڪ لڪاءُ ۽ ٻاڏائي ٿو ٻاجھ ڏٹي

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۽ تاڪوءَ تاڙيو تر
ٻچڙايون ۽ بيھودگيون ۽ ماٹھوءَ ماٹھوءَ مر
چيلھ ڀڃي ۽ ڇٻو ڪري ۽ لوسن گھٹيون گھر
دودا سڏي تو در ۽ اڪاڙ پاڙان پاپيءَ کي

ڏسي ڏيھ ڏڪار ۽ پاپيءَ پڪڙي مار
ٻڏي صندرو سر سان ۽ ھڪ ڌڪ ڏھن ڪار
چيياٿي ھن چٹ ڏي ۽ ڳاري ڳاري ڳار
ڏج نہ گندي گار ۽ سونھين جا نہ سنڌ کي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فھيم عباسي**

ڏسي ڏاڍي ڏيھ ، جلي جيءَ بدن
ڏانئڻن ڏيھ ڏڪايو ، ويچارو ٿيو وطن
دهشت ، وهشت دلالي ، چنا ولر وڳن
رجهي رت رڳن ، ڏاڍ ڏسي ڏيھ ۾

ڏسي ڏاڍي ڏيھ ، ٻاگهيون ٻاڪارن
دودا اٿي دهشت ۾ ، پاپيءَ پڪارن
ستل جاڳيا سڏ تي ، نياڻيون نهارن
ٿا ڏڪي ڏڪارن ، ڏارين کي هن ديس مان

گهٽ نہ گهٽج گهڻو ، گهٽي گهڻو گهاءُ
ٻڙڪي اندر ٻوسٽ ۾ حياتيءَ ڪو نہ هيڳاءُ
جهڙي تهڙي جياپي ، لڳ لڳ رک لڳاءُ
سر سر نئون ساءُ ، نندن نچائي وجهي

گهٽ نہ گهٽج گهڻو ، رنگن روپ هزار
ميلا ملاکڙا ملڪ ۾سونهن گهڻا سنسار
محبت مجيل زندگي ، اکين خواب اپار
وقت وڏا واپار ، دلين دلاسا گهڻا

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

گهٽ نہ گهٽج گهٽو، گهٽون ڦاٽن هانءَ
گهٽن تو گهٽا ڏيئي ، ڪنا ڪارا ڪانءَ
ٽڙ ٽڙ ٽڙڪي زندگي ، پڇن پريل ٽانونءَ
نينهن بگڙيل نانءَ، مونجهہ ۾ مريو وڃن

گهٽ نہ گهٽج گهٽو ، واڪا ڪر ڪي وس
ڦڙڪي ڦڙڪي ڦڙتيءَ سان ، هلندو هل تون گس
چم چم وس چپرين ، گهاٽو جهڙ جيئن لس
حرڪت هر هر حس ، جنبش سان جهاڳيو گهٽو

مجان ڪڏهن نہ مات ، گهوريان وطن ساهہ
رڙهندس جيسين رت ڦڙو، اندر ڪو اتساهہ
پرٽو ناهيان پتر جان ، پهڻ منهجو ماهہ
ٽڳن ڪڏهن نہ ٽاهہ ، سمهاري سرخرو ٿيان

مجان ڪڏهن نہ مات ، سورهيہ اسان لک
گهيري دشمن گڏ ڏيئي،ساڙيان تيلين ڪک
پڇن پاڇ پاڇڙيا ، ڏسي ساٿين رک
پاڙين ياري يک ، پڌري ٿيندي پنڌ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ويهڻ مون نہ وڙ ۾ جتن جاري جاڳ
ڏکيَ سکيَ ڏيل ۾ محبت وڏي ماڳ
عذر اسان عيب ٿيو ۾ واليءَ واحد واڳ
سدا ڀلارو ڀاڳ ۾ جاڳڻ جهجهو جيءَ ۾

ويهڻ مون نہ وڙ ۾ هلچل هڪڙي راهہ
جنبش سدا جيءَ ۾ ۾ سک نہ ڪٿون ساهہ
ٽڪ نہ ڀڄبو ٽاڪ تي ۾ اندر ڪا ٻہ نہ آهہ
اسان چريو چاهہ ۾ منزل پسي مند ۾

ويهڻ مون نہ وڙ ۾ هلي تہ ڀلي هل
اجر اجورو ۾ عاجزي ۾ پوسٽ سدا پل
ڪاهوڙين ڪٿيون ڪنيون ۾ رستي نار نہ نل
ڀِهر ٻہ لڳي پل ۾ جهنگڻ جهاڳيون جيءَ سان

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ ۾ سو نہ اسان جو يار
ڏسي ڏڳ ڏارين ڪي ۾ وسيلن ڪري واپار
ماري ۾ موڙي ۾ مڏو ڪري ۾ چٽ پڪيڙيو چار
ڏکي هن ڪيو ڏار ۾ ڏارين سان گڏ ڏوڙ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ سو پونءِ سدا پاڙيو
مڪرجي مم جان ۽ سلن سڪن ساڙيو
ڍيٺ ڊاپي ڪين ڪي ۽ تڪي تئون تاڙيو
اٿو هن اجاڙيون ڪاريهر جان ڪر ڪٽي

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ اميد نہ رکو ان
ڦاڙيو وات واڳون جان ۽ تاڪو تاڙي ڪن
رڍن ٻڪرين روءِ لاءِ ۽ ڪتري ڪوڙي ان
جونچي ڌارين ڌن ۽ سو دلو سدا داءَ ۾

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ دلو سو هن دڳ
ڪارو ۽ ڪنو ڪوڙهه جان ۽ وائڪو سدا وڳ
پليت پليتي پريت ۾ ۽ رت نہ هن جي رڳ
ڪڳايو تنهن ڪڳ ۽ مارن جنهن منجهايو

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ ۽ تاڙيو تنهن هر تر
جهنجهوڙي هن جاڳ ۾ ۽ ڌڌڪا ڏيو ڪي در
ساڙي ڳاري سيءَ ۾ ۽ باهه ڏيو هن ٻر
ويريءَ وريل ور ۽ خلق اڳيان ڪولي وجهو

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

جهڪڻ جنهن جي جيءَ ۾ ، وڏو سو ويري
ازل کان انڌي جي ، اک سدا ميري
نياڳي نوڙت ۾ ، قوم ڪيڏي ڪيري
ڪر ڍينگو هن ڍيري ، ڍڪڻ ڍڪجي ڪين ڪي

روئين ڇو ٿو روڳ ، اک م آرس آڻ
ڪٽ ڪشالا ڪم لاءِ ، سور م سلج ساڻ
ٻڌي صندرو ساهه جو، ڇورن وانگي ڇاڻ
اڳيان تو اهڃاڻ ، هيئڙي ايندا هر گهڙي

روئين ڇو ٿو روڳ ، روشن ساري راهه
ڪوپو ڪوڙي نه ڪل تون،ويهندن ملي نه واهه
ڏورڻ وارا ڏِي تي ، اورانگهن آڙاهه
جيسين چم ۽ چاهه ، رڙهبو رهبو رمزسان

روئين ڇو ٿو روڳ ، روڳ نه سونهين رڳ
ڪٽيندي ڪشالا ، درد ڇٽن سپ دڳ
جهربو ڪڏهن نه جيءَ ۾،واٽ نه ڏسجن وڳ
جهاڳي سو سو جڳ ، منزل پسبي مند ۾

## ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي

روئين چو تو روڳ ۽ تن ته تات تنوار
منجهي مايوسي ۾ ۽ هوش نه مڃج هار
پروڙ پل پل کي ۽ پڇڙ ٻه پرت پچار
ڳنڍيءَ ڳاري ڳار، ته اندر آساني ٿيئيي

طاقت تک تاءُ نه تنهجو ۽ بيوس ڪيڏي پل
اندو تون اڏاين ۾ ۽ قهر ڪندي نه ڪل
جهٽڪو ڪائي جاءِ نه ملٽي،پورن وچڙيل پل
جيءَ نه ايندي جهل، جهوري جهوري جيءَ کي

جهوري جهوري جيءَ کي ۽ پڇتاءِ اچا نه وقت
محبت ميڙي مهان تي ۽ پوکيو پيار جي پت
راز نه ڄاڻين رمز جا ۽ وقتي طاقت ست
منجهيل منجهه نه مت، ڪرني ڪوجهو ڪوڙ ۾

راز نه ڄاڻين رمز جا ۽ هو تو ڄاڻي راز
ڪنهين ٻوڙي ڪنهين تاري، سرن ڪهڙا ساز
وتعزن تشاءُ وتعزلمن تشاءُ ڪن فيڪون انداز
ڪري منٿون ۽ ايلاز ۽ ميڃائي مهان تي

**ڪر ڪو واڪو وس...........................................................فهيم عباسي**

منٺون ۾ ايلاز ، اٿئي هڪڙي راھ
مڃندو محبوب پر ، سڪ سوائي چاھ
وڃائي وجود کي ، ساهي ڪٽج نہ ساھ
اندر منجھ اتساھ ، تہ ٻاجھ ڏٺي ٻل گھٽو

مڃين محبت ۾ ، واڻيئي پيار پڪار
تاڃي پيٽي تاتيو ، هار نہ رهي هار
سڄندي سر سرڃيا ، بيوس بوج بهار
ٿي لاڳيتو لاچار، عيدون اکين وسريون

سوچ سليڪي سرجي ، جنت جهڙو جهان
خالق خلقيا خلق لاءِ ، رستا سڀ آسان
ورهائي واٽن کي ، آ الجهايو انسان
محبت ساڻ مهان ، موچارو هر مند ٿئي

وات ڳاڙهن واويلا ، وطن ويچارو
در در دلالن جو ، ڳجهن لامارو
ماڪ ٻنل اڪڙين ، ڪو اونهو اشارو
ڏٺم لوڪ سارو ، ٻليل انهي ٻل ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

پليل چو تئي پل ، ڪرڻ ڪانهي هار
جهڙا تهڙا جڳ ۾ پنهجن پيارن پيار
ديس بنا دادلا ، سسن سڀ سينگار
پچائي سڀ بيڪار،محبت ميڙيو ملڪ ۾

روز رڙيون روز واڪا ، روز راتين روڳ
ساهہ ۾ سرجي سڪون ، سونهن ساري سوڳ
زندگي آ زنگ زنگيل ، ياڳ سارو يوڳ
خالي خوشين ڦوڳ ، دانهين ڪنهجي در تجي

ياد جو ياريون ڏکيون،چاهہ جو چاڙهيون ڏکيون
سمجهہ سرجي سن تئي،سار جو ساڙهيون ڏکيون
جمود سدا جيت مہ هار جون تاڙيون ڏکيون
محب جو ماڙيون ڏکيون، پيڙا پرک پڪڙي وجهي

تڏيندي توهر جان ، سوچ نہ آئيي سر
پيرن پيار پڪاريو ، جهاڳهيان بچڙا بر
منزل ڏينديس مهٽا ، لاهي متيء مر
وسريا سڀ گذر، پوچيندي پرين کي

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

پوڇيندي پرين کي سڀ وڃايم ساز
نهاريندي نيڻن ۾ جهٽي جهپڻ باز
سڪيءَ سڪ سوائي۽ محبت مٿي مجاز
نندڻ پنهجا ناز۽ محبوبن جي ماڳ تي

پوڇيندي پيرين کي۽ دنيا منهجي دنگ
رشتو روح رمز جو۽ سچو سائين سنگ
ابد کان ارواحن ۾ اڙيو پنهجو انگ
روز ازل کان رنگ۽ اسان رت ريٽو ڪيو

ساريان تو ساهه ۾ جيئڻ ٿر ساري مينهن
جيئين ڳوري ڳٽي ڏينهڙا ۽ اڻ تڻ اندر ايئن
تتر پڙڪو نينهن ۽ ان ڏسي اڏري پوان

اڪن گل ڦلا۽ پرين نہ آيو پار
ٻاٻيهو ٻاڪي جيئڻ ۽ ساهن تهنجي سار
وسوسن ويچار۽ وهمن دل وڪوڙيو

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

اڪن گل ڦلار ، محبوب موٽيو ماڳ
ساوڪ سڪ سجدا ڪيا ، پيرو ڏنو پاڳ
سر سرجيا سهٽي لاءِ ، محفل مندن راڳ
واليءَ ڏيندي واڳ ، مٽجي پاڻ ميساريو

گهگهه اوندهه ، رات ڪاري
مال چوڙيو ، پنڌ تياري
نانگ ، نانگڻ ، وڇون واٽن
ٻوهه ، ڪبڙ ، ڪندا ڪاٽن
ٽر ٽوهر ، واٽ ساري
ٽڪ سان ٽوري نه ياري

سارِيان تو ساهه ۾ ،جيئن ٻچو ساري ماءُ
جيئڻ تو بن جنگ آ ، هنڌن ڪو نه هڳاءُ
رات لڙيو لڙڪي پوان ، لڳن ڪو نه لڳاءُ
گهڙي گهڙي ڪو گهاءُ ، ننڊ نبيرو نه ٿئي

ڏيڻ دلدل جيئن ، اسان عشق اڏام
ڦٽڪندي ڦاسي پوان ، گس سپ گمنام
ڏورانهين ڪنهن ڏيهه ۾،راحت رنگ تمام
اچي نه اڪ آرام ، پنڌ نه نبري پيار جو

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ڏيڻ دلدل جيئن ۽ ياريون يادن يار
محبت ماڪي مڪ جيان۽ مڃي مانارو پيار
وڇڙان ڪيئن نہ وفا ڪي ۽ پرين ڏڪيو ڏار
اسان محبوب مدار ۽گردش ۾ گهمندا وتون

رڳو رڙيون روڳ ۽ يادن آ ياري
تن تڙپي تپ ۾ ۽ ڪا بند بيزاري
حياتيءَ نہ حب ڪا ۽ ڳٽتين آ ڳاري
ڪر پرين پوئواري۽ماندان من منجهايو

ماندان منهجي من ۾پيار پرڇائي ڪير
قيدي تنهجي قرب جو ۽ هر تهنجي هير
چاهت ۾ چريو ڪري ۽ پويان ڪيئي پير
ايڏا ايئن انڌير۽سڄڻ سونهن ڪين ڪي

من ڪائي ماجرا۽ محبت مچايو شور
ڏتڙيل ڏک اڳيئي ۽ لڇ لڳايو زور
اکين اڳيان انڌاري ۽ هانءَ وڏو تور
پورل پوري پور ۽ اٿڪايو آڙاهه ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

راتين چنڊ چانڊاڻ ۾ منهنجي من مانڊاڻ
تنبوري جي تار جيان ۾ رڌم روح رهاڻ
انڌي جيان اٽڪي پوان ،سچ نہ مون سڃاڻ
مولا مهر ڪا ماڻ، پڇرڻ پڇي ڪين ڪي

اڳيان لوڪ الجهي پوان ۾ رازق چاڙهين راز
اونداهين اٽڪي پوان ۾ سڀ وڃايم ساز
پل پل ساهہ مٿ ۾ ۾ ننڊن وڃايا ناز
اڇلون ڏيئن انداز، تولاءِ تماشو طرز جو

ڏک منجهي ڏيهہ ۾ پرانن جا انبار
داڙي ڪٽي ڪيچ تيا ۾ سلا جي سنسار
ميڙي سڀ منشي ويو ۾ ڪيئي لک خرار
حق نہ مليو حقدار گنديون پريون گند سان

ڏک منجهي ڏيهہ ۾ ڏنو ڏيهہ ڏوراپو
جيئڻ جا جتن ڪيا ۾ جڳ نہ جياپو
وڪائو وک وک ڦرن ۾ عقل نہ آپو
ڏج ننڊين نياپو، ڏورانهين ڪنهن ڏيهہ جو

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

ڏک منجهي ڏيهه ۾، ماڻهن ڪيو مجنور
پينو پني پيٽ لاءِ، حاجت هن ضرور
اوج ۾ امير آ، پيڙهين سن سرور
موچيءَ مزدور، ڳولها سدا ڳيي جي

ڏک منجهي ڏيهه ۾، ماڻهن وڃائي مت
ورهاست وسيلن جي، پيار وڃائي پت
سوئي ساري ست، رهبر رهزن رمز سان

ڏک منجهي ڏيهه ۾، ماڻهن ويو ويساهه
هڏ ڏوکي نہ هيٺي جو، قوم پورو پساهه
غريب گندريءَ گوڏ ۾، ڏٿ ڏهاڙي گاهه
وطن تنهجو چاهه، هار نہ مڃي هڪ گهڙي

ڏک منجهي ڏيهه ۾، فرقيواريت فساد
فقر ڪو نہ فتنو، نالي نام نهاد
ٽولا ٽوليون ٽٽندي، موڙيو مذهب مفاد
انسان ازل آزاد، محبت مذهب من ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

ڏک منجهي ڏيهه ۾ راتيون ڪي ڪاريون
جهاڳيندي جهان ۾ ، هيٺيون سڀ هاريون
روش رنجش روزانو ، ٽاري سان ٽاريون
ٽا گداگر گذاريون ، گهڙي گهڙيءَ جي گهاءُ ۾

ڏک منجهي ڏيهه ۾ ڪنهن ڏوراپا ڏجن
دانهين ڪنهجي در ٽجي پنهجا جي ٽڳن
روڙن ماس رڳن تان ، ساٿي ڪيئن سڏجن
جي ڪپي ڪنڌ وجن، تن رشتا ڪهڙا رت جا

ڏک منجهي ڏيهه ۾ ، چور چڪورن راڄ
ڏاڍو ڏنگو ڏاڍ سان ، پيسو ڏوڪڙ ڪاڄ
چار ماري ، چار ڪاري ، قانون سدا ياڄ
لولي لنگڙي لاڄ ، مولا رک تون مهر جي

ڏک منجهي ڏيهه ۾ ، ساڳي غلامي
بيوس بڇڙو ٿيو، بي جا بدنامي
عدل،عدالت وڪائو ، حڪومت حامي
آ خيالن خامي ، رياست روليو رڄ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

# قمبر جي هڪ اسڪول ۾ 2007 جي ڊوڙ کان پوءِ 4 ڪلاس جي شاگرد جو ڳالهيون ٻڌي

خوابن جو هن ، ڪورو اندر
اتساهه اکين ۾ ، پورو اندر
وچڙين وانگي دهل ڌماڪا
چچريل چاهت ، پورو اندر

خواب هزارين خيال تو ماپي
ماضي ويڙهي ، حال تو ماپي
اڌمن هن کي ڳاريو ماريو
سور ڪچيندي ، سوال تو ماپي

سپنن ساپيا سوچ گهري تو
لڙڪي لڙڪي لوچ گهري تو
منهجو ماپو ماپ نہ ماپي
تڙپي تڙپي موچ گهري تو

ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي

اڏيڙي پچين تو ، اجاڙيو تو ڪنهن آ
وچڙي وڪوڙي ، واڙيو تو ڪنهن آ
اڙي يوڪ بدذوق ، بي پاڙ بڇڙا
مرندي مصيبت ۾، نہ لڙڪ لاڙيو ڪنهن آ

سڏڪن ڪيئن نہ ساريان، گولين جي گونجار
ڏڪي دلدل ڏڪيئي ، سچا ڪيا سنسار
بيوقتي موت ماريا ، منجها ڪي منٺار
انهن ڪهڙا آڌار ، جن ڏک وڏايو ڏيهہ ۾

ڪڏ ڏيئي او ڪنا ، ڪي بهارون لٽئي
موج ڏيندي مارن کي ، ڪنڌ ڪيئي ڪٽئي
جهڙپ ۾ جهير ڏيئي ، تڙپ تپايو گهٽو
سک سٽئي، ساهہ سٽئي،ڇهڪ ۽ چوٽون ڏيئي

شهر جا رستا ، پهر جا رستا
ڏک ڏاڍايون ، قهر جا رستا
خود ڪش حملا، خاڪي وردي
دهند ،دوهاٽيل ، زهر جا رستا

ڏنگهہ جو ڇا ڏنءُ ڏسندين!
ڪو ڇنل جيءِ هانءُ ڏسندين
وقت آهي بس وسيلو
درد دانهون، ڪو بہ نہ حيلو
زندگي ڇڻ، ڪانءُ ڏسندين!
هٿن خالي ٿانءُ جي ڏسندين!
ڪو ڇنل هانءُ جي ڏسندين!

تنهجي مهنجي ذات ڇا ڪڇندي
بيوس پاڙي بات ڇا ڪڇندي
گهڻ پاسو آ جڳ جياپو
اکين اونداهي رات ڇا ڪڇندي

ڏات جا ڏهہ ڏنگهہ آهن
رنگ بہ رنگي رنگ آهن
سو طريقا ڍنگ آهن
ڍنگ ۾ ڪي ونگ آهن
ونگ جا ڪي دنگ ناهن

بيوس هر هر پاڙيو هوندو
لڙڪ اکين ۾ لاڙيو هوندو
ڏک ڏنگهي هن ڏهہ ڏهہ پيرا
سورنئين ڪنهن ساڙيو هوندو
صدما سختيون سرتي سهندي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

تڙپي تڙپي تاڙيو هوندو
جهڪندي جهڪندي سور سهيڙي
اڄ نہ سيان تہ اجاڙيو ويندو

اڄي لپ مون کي اڇايو گهٽو آ
پنهجو پاڻ پاڻيهي پڇايو گهٽو آ
گهٽو ڪين گهرجي،گهران پاءُ پورو
ڳولها ڳيي جي نچايو گهٽو آ

درد آهي مرض آهي
هر گهڙي کو فرض آهي
درد دل جو حال نہ چاڻون
اک اکين ۾ عرض آهي
چو تو چرڪين،چڪ ۾ چرڪي
پيار جي پوچا قرض آهي

راهہ مسافر رلندو هوندو
تڪجي تڪجي ملندو هوندو
هن جي رشتن روپ نہ بدليا
ڍرڪي ڍرڪي ڍرندو هوندو
ڪنهن نہ سچڻ جو ساٿي آهي
ڪرڪي ڪرڪي ڳرندو هوندو
جوکم هر هر هن کي جهوري
رات ۾ رڙندو رجهندو هوندو

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ذرا سوچ ظالم ھمارين تو ڪهنن کي
دڳن رت هيڏو، هارين تو ڪنهن جو
رهي پل نہ توکي پراھہ ڪنهجي
ڏيئي سور صدما ڪارين ٿو ڪنهن جو

هيءُ جو ڪنهن جو پيءُ آهي
ڪنهن نہ ڪنهن جو هيءُ آهي
سرد پاري ٽڙ ٽڙ ٽڙڪي
ڪو درد ساڙيو جيءُ آهي

بڪايل جو بهڪڻ، بهانو آ ڪيڏو
بنا سر سليقي، فسانو آ ڪيڏو
سڪٿو سڪي ٿو، ستايل سدائين
ازل کان ابد کان، نشانو آ ڪيڏو

ڪا تہ روشن راھہ هوندي
واٽ رستو واھہ هوندي
زندگي ڪيڏي ڪٺن پر!
هر نئين ڪا ڪاھہ هوندي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ٻاجهہ ڏٽي ٻاجهہ ڪر ۽ پوري ٿي برسات
لوڙيان ٿو لنگهڻ ۾ جهوري ساري رات
بيوس ٿي پٽڪان پيو ۽ هيٺا مون حالات
جهور منهجو جيءُ ٿئي ۽ تن تڙپائي تات
پڌر سلا پوک جا ۽ ڏات ڏٽي تو ڏات
اڪيلو اٽڪي پوان ۽ مند ڏيئي ٿي مات
گهر ڪڪائان گڇڻ ۾ وچڙان پنهجي وات
چپڙ چنو ۽ چٽ ڏس ۽ منهجي چا اوقات
پرهہ ڦٽي پريات ۽ ٻاڏايان تو ٻاجهہ لاءِ

**ڪر ڪو واڪو وس...............................................................فهيم عباسي**

# سوات ۽ بنير ۾ اپر دير آپريشن تي

ويو ظلم  وڏي ۽ سوات بنير سور
دانهون پڏيون دير ۾ مالاڪنڊ مجبور
لک لاڏائو ٿيا ۽ پل پل نئون پور
ڏسي جهڳن جهور ۽ جهوري وڏم جيءَ کي

ويو ظلم وڏي ، گولين جي گونجار
اباڻڪا اجهي لاءِ ۽ اکين درد اپار
تپن تڪيءِ اس ۾ اڏڙوٽ ۽ پيدا پار
والي ڪر ويچار ۽ اڪ نہ پوريو انڌ ۾

ويو ظلم وڏي ، بي گهر ڪيئي گهر
اجاڙي آبادين کي ۽ چنا ونين ور
هلاڪو هو هر گهڙي ۽ ساڙن دريون در
وسريا هارين هر ۽ پل نہ رهيو پنين کي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ويو ظلم وڏي ڪوڪون ۽ دانهون
تڙيو مالڪ تر مان، اندر منجهہ آهون
ڏکي دلين ڏار ڪيو، روڪيل سپ راهون
ڦهريليون ڪاهون، رت وهان رائيگان

ويو ظلم وڏي ڏاڍو ڏک ڏڪار
رکي خيمن خبرون، نظر ڪٽي نهار
ٻچا ٻڍا ٻاجهہ لاءِ روئن زاروزار
ڏسي بيوس بار، هاڻ ڏري ٿو هر گهڙي

پڪاري ٿو پيار لاءِ اڪيل ڪو انسان
اداسيون اکين ۾ جلن جگر جان
درد ۾ دانهون ڪري، ننڍڙو هي نادان
اجان هن ايمان، موٽي ويندو ماڳ تي

پڪاري ٿو پيار لاءِ گلڙن جهڙو ٻار
اداسي اکين ۾ نہ ڀي چڻ ڪو بار
منجهي پيو من ۾ چڻ ڪنهن ڦاٿل ڇار
موجون مستيون ڏار، اوسيئڙو ڪو اک ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

پڪاري ٿي پيار لاءِ نياڻي نماڻي
آسون اک  اٽڪي پيون،وطن ويڳاڻي
ڏڪي ڪنهن هن ڏار ڪيو،ڪوڙيءَ ڪهاڻي
من ۾ مانڊاڻي،ويڊن ولوڙي وڌو

پڪاري ٿيون پيار لاءِ پيٽون سدا ياءَ
سسڪيون پرن ساهه ۾،سوئر وک وڌاءَ
شر ۾ شيطان ڏسي،تڪن تکي تاءَ
دلن وڏا داءَ،پٽو سدا پٽ ۾

پڪاري ٿيون پيار لاءِ امڙين جو جهوليون
ڏسي ڏک ڏيهه ۾،لک لک امن ٻوليون
پنهجي وطن واڳاڻا، ٽولين ۾ ٽوليون
ٻئي جي چا ٻوليون، پنهجن ماريو پٽ ۾

پڪاري ٿا پيار لاءِ سڪل سيپڪ پيءَ
سڪن سهارن لاءِ،جنبس چڏي جيءَ
ويڳاڻا ٿي وطن ۾،ڪڙهن ڪڙهن ڪيهءَ
پسليون ٽڙڪن پيهءَ،انڌي اجاڙيو انڌ ۾

**ڪر ڪو واڪو وس.......................................................فهيم عباسي**

ڏاريا گهڙيا گهر ۾ ، جاڳ جاڳايو جڳ
مهمانوازي مارائي ، ڪري ويڳاڻو وڳ
گهرن وچ ويهاري ، پاليا پالتو ٺڳ
ڏڪيو ڏارئي ڏڳ، سنجهي بچايو سنڌ کي

ڏارين ديس يلغار، سوڙ ستل سوچ
واهڻ وسندين واڙيندي،نڪ سنگهي نوچ
هتڙي هتڙي هر گهڙي ، تاڙي تاڙي موچ
لک لک دفعا لوچ ،قوم اسان جي ڦهرٽيو

ڏارين ديس يلغار، سائين سبيل چپ
آڏياءُ انڌي جيان ، گهڙي گچڻ گپ
سبق نہ سکيو صديءَ ۾پالي ڍوندين ڏپ
سندس لا لپ ، ٻچن ٻہ ٻوڙي وجهي

ڏارين ديس يلغار، ذات وزيرن ور
حمايتي حڪومت ۾ ، چور چمچا گهر
دادلو ڪري ڏارين کي ، پير رکڻ ڏين در
لڳا پي پيءَ پر ، تہ سودا ڪري سنڌ جا

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

ڏارين ديس يلغار، اسان نہ ٽيڪا ٽاهہ
پنهجي ڏن دنيا ۾ سهنجا ڪٽون ساهہ
ڏکن سکن ڏوريندي،ڪريون نہ ٻئي تي ڪاهہ
واٽ نہ ڪائي واهہ ، ڏارين ڏڪاريو ڌرتيءَ تان

ڏاريا گهڙيا گهر ۾ ، ڏج نہ جايون جيءَ
ڏنگهيل ڏک اڳيئي، وسريون نہ رڙيون ريهہ
وڏڙن قرب وڌيا ، ڪاش! ٻڌن هان ڪيهہ
پسجو ڪڏهن نہ پيهہ ، گهٽو وڃايو گس ۾

ڏاريا گهڙيا گهر ۾ ، اڳيان تو آزار
جڃون ، ڪِهجون جوءِ ۾ ، ڪاٿن ان انبار
ڪک سنگهيل اڳيئي،ڇڻ ڪنهن قاتل ڇار
ڪري ڏارين ڏار ، سينڌ بچايو سنڌ جي

ڏارين پالي ڏٽ ، سنڌ سدائين سور
پٺاڻ ، بنگالي ، بهاري ، تاتيا ڪيئي تور
گهرن وچ ويها ريندي ، نپا يا ناسور
ملڪان ملڪ مجبور، عقل نہ اسان ان گهڙي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

ڏارين پالي ڏنڀ ڏيهہ ونديا سين ڏک
کپي پيٽ پنهجن جا ۽ ستيا سانوڻ سک
جايون ڏيئي جيءَ ۾ ، منديا ماڻهن مک
ٽر بر وڏائي بک ، تي والي ويٺو وچ ۾

ڏارين پالي ڏنڀ، ڪجهہ نہ ڪمايو يار
هيٺا اڳي هر گهڙي ۽ مٿان بوج بيڪار
ويڳاڻا تي وطن ۾ ، بيوس وڏيا بار
ڏکيو ڏاريئي ڏار ، وقتي وک وڌايو

سنڌ نہ ڪاڏي گدڙن ، پر گهڙي گهڙي غور
ٻچڙن ويهاري پر ۾ تاتيا چريا چور
ڏنگهي پنهجي ڏيهہ کي ، ڪيئي مارايا مور
دورن مٿان دور،سياڻا ڪجهہ ڪا سمجهہ ڪيو

لوسي ، لوڙيا ، واتڙيا ، وطن ڪن واپار
دلاسا ڏيئي ڏارين کي ، غلامي ڪن غدار
انڌا ، ٻوڙا ايوانن ۾ ، سنڌ نہ لهن سار
ياڙي ، ياڙيا ، بيڪار ، لڄ نہ رکن لوڪ جي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**

انڌا ۽ ٻوڙا ايوانن ۾ ۽ چپ سبيل چور
درد نہ رکن ديس جو ۽ عملن ڏڱا ڏور
لڙڪي پون لالچ ۾ ۽ رت چوسن چور
منجھا مارون مور ۽ پر پنھجن ڇرا پٽ ۾

انڌا ۽ ٻوڙا ايوانن ۾ ۽ سنڌ نہ لھن سار
مفتيا سدا مفادن لاءِ ۽ ھر ھر مڃن ھار
اڪيلو ڇڏي عوام کي ۽ وسيلن ڪن واپار
ڪھڙا ان آثار ۽ جو واڪ وڪامي وڃن

انڌا ۽ ٻوڙا ايوانن ۾ ۽ آسرو رکج نہ ان
سوچ ۾ سوريھ تي ۽ ڪاھي پوءِ تون ڪن
ويڙھيچن جي ويڙھ ۾ ھڻ ڪڻ ماريو ھن
ڏڏڪا ڏوٽا ڏن ۽ ڏارين ڏڪاري وجھو

پيرن پنبڙين زور ۽ ڊڪي ڊڪي يچ
اڳ ڪڏي اڳيرو تي ۽ پڪي گھڙي وچ
آھي تو وٽ اچ ۽ سوچ نہ ڪڏھن سيان جي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فھيم عباسي**

پٽن پاڙون پهنجا ، ڏجن  ڪنهن  داهون
راهن رولي قوم  کي ،  وڪوڙيون واهون
دعوت ڏيئي ڌارين کي، وڪوڙيون واهون
پٽيون ديس ڀانهون، پڪارن ٽيون پيار لاءِ

*

# حيدرآباد ۾ هڪ ماڻهو جڏهن ٻار ڪپائڻ لاءِ واڪ ڏنو

وڏو ڏيئي واڪ ، ٻچن هئي ٻولي
جيرا جگر جلائيندي ، جهلي هن جهولي
پالي نہ سگهيو پٽڙا ، راهہ نئين ڳولهي
نياڻين نند ڏولي ، رتن ڳوڙها رت جا

ٻڌي ٻچن ٻولي ، جونءَ نہ چري جڳ
ٺيڪيدارن ٺٺوليون ، دلاليون دڳ دڳ
ايوان سڀ انڌا ٿيا ، رت نہ رهين رڳ
ٺاڪر سيئي ٺڳ ، ماڻهن مت مري ويئي

اولاد ڪپائي اڳيان ، ماءُ بہ ٿي مجبور
جگر سڀ جدا ڪيا ، ڪيو جيون جهور
رت نہ رهيس رڳن ۾ ، ڪهڙو ساري سور
نيون رياست نور ، لوڪ بہ لڄ مري ويئي

**ڪر ڪو واڪو وس..........................................................فهيم عباسي**

اولاد کپائي اڳيان ۾ ماءُ رنو رت
سياڻن سوچ سڇي ويئي ۾ ساھہ نہ رھين ست
داروغا دلال ٿيا ۾ ڪٽ لڳي ڪٽ
جيئن ڏاچيون چاري جت۾ تيئن رياست روليو رڃ ۾

سياڻن سک مہ رات ۾ ڏينھن بہ سوچن ڏک
ڏنگھجي سدا ڏات ۾ ۾ ڪڙھن ڪڙھن بک
سڀ وڃائي سک ۾ لوچن ۾ لڙھي ويا

سياڻن سک مہ رات ۾ سڀ پرايا سور
لڇي پڇي لوچ ۾ ۾ نينھن وڏا ناسور
اکين سدا اولڙا ۾ پل پل نوان پور
دل جا ھي دستور ۾ ڳاڙن ڳوڙھا ڳالھہ ۾

ٿان ٿان ڪر ٽيٽيھرجيان ۾ روشن راتين رل
واڪا ڪري واريءُ ۾ ۾ ڪوھن ھوڪون ھل
سنپاري ساٿين ڪي ۾ ميڙي سڀ پو مل
جڏھن ڪھي اچن ڪل ۾ ننبون ڪر پو نازسان

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

دل وڪوڙيو ڏنڌ ۾ اڳيان اکين اوٽ
محبت ميخون من ۾ چين لڳي چوٽ
تن تڙپي تات ۾ محبوب نہ ڏيئي موٽ
گهايل سدا گهوٽ ۾ محبت جي ميدان ۾

رياست روليو رڄ ۾ ڊينگو ڊيري ڊير
ادارن اندو ڪري ۾ فتنا ۾ فرق ۾ قير
ڏائڻ تاڙي تاتيا ۾ هجڙن واري هير
واهياتن وارا وير ۾ شر ۾ شيطان سپ

رياست روليو رڄ ۾ مزدرو موچي بک
ننگن پيرن نماڻو ۾ ڏاڍ ۾ ڏاڍايون ڏک
سوڙ آهر پير ۾ ساهہ نہ ڪڍهن سک
مرڪ نہ ڪڍهن مک ۾ مشرڪ ٿيو ماٺ ۾

رياست روليو رڄ ۾ ڏهاڙي ڏهڪاءَ
لڪ لڪوٽي لڪاءَ ۾ گونگا ٻوڙا گڏ ٿيا

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

رياست روليو رڃ ۾ ، بهانن بحران
بجلي پاڻي بند ٿيو ، حيوان ٿيا حيران
خلق سدائين خوار ٿي ، پيٽ پرن بيمان
ڍهاڙيءَ جنهن گذران ، سو ڏاڍو ڏکيو ڏيهه ۾

رياست روليو رڃ ۾ ، ٺڳن ٺاهيا ٺاهه
والي وڪائو ٿيا ، چريٽ راڄن چاهه
دلالي ڪن ديس ۾ ، ويساهه گهاتي ويساهه
ڪي مري بکن پاهه ، لنگهڻ ۾ لڙهي ويا

رياست روليو رڃ ۾ ، عالم ٿيا اڻ ڄاڻ
وڪائو سدا واڪ تي ، بنجن ڇيڻا ڀاڻ
ڊگريون مان ڊوهه سان، ڇٽ نه رکن ڄاڻ
اهڙا جن اهڃاڻ ، ساڙيو تن سماج کي

رياست روليو رڃ ۾ ، ڪاپيءَ ڪلچر عام
خريديا خيريت سان ، لوسي لوٽيا جام
پوليس وارا پرچيءَ ۾ ، ڳولهن اندر انعام
هٽي هنبوشڻِ هام ،نسل نئين نابود ڪيو

**ڪر ڪو واڪو وس........................................................فهيم عباسي**

رياست روليو رڇ ۾ ، ڪندڙ ٽيا اسڪول
ماستر لاءِ معمول ، ويڙا ايڱامو واڪ تي

**ڪر ڪو واڪو وس.........................................................فهيم عباسي**